

آن لائين
ماهوار
سنڌ زراعت
جولائي 2024
SINDH ZARA'AT
JULY 2024

# سردار محمد بخش خان مهر،
# صوبائي وزيرِ زراعت، حڪومتِ سنڌ جون مصروفيتون










جولاءِ 2024 | شمارو: 07


نگران اعليٰ
**سردار محمد بخش خان مهر**
(وزيرِ زراعت, سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ)

نگران
**رفيق احمد برڙو**
سيڪريٽري
زراعت, سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ

چيف ايڊيٽر
**منير احمد جماڻي**
ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ

ايڊيٽرس
منير احمد ڪاڪا
فهيم احمد قريشي

سرڪيوليشن انچارج
منور سلطانہ سولنگي، شمائلہ تبسم ۽ امينا بلوچ

فوٽو گرافي
الطاف حسين اوڊو، جميل چانڊيو ۽ جابر لغاري

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
علي انور لغاري


# سنڌ زراعت

## ستاءُ


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 01 | جولاءِ مهيني جا زرعي ڪم ڪار | 05 |
| 02 | سارين جي رونبي متعلق سفارشون | 07 |
| 03 | مينهن جي مهينن ۾ ڪمند جي فصل لاءِ سفارشون | 08 |
| 04 | انبن جو ساليانو زرعي ڪم ڪار | 09 |
| 05 | ڪجيءَ جي ميوي جي پٽ | 10 |
| 06 | وونئڻن جي گل پاڻي ڇٽڻ جا سبب ۽ بچاءَ لاءِ تجويزون | 11 |
| 07 | بصرن جي نفعي واري پوک | 12 |
| 08 | زرعي توسيع زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ جون سرگرميون | 13 |
| 09 | ٽماٽي جي پوک | 17 |
| 10 | سُورج مُکي | 17 |
| 11 | ماش جي دال | 18 |
| 12 | خريف جي پاڇين جون فصلوار سفارشون | 19 |
| 13 | فصلن کي پاڻي ڏيڻ جا روايتي طريقا ۽ پاڻي جي صحيح استعمال لاءِ صلاحون | 21 |
| 14 | پاڪستاني زمينن جي pH (ڪارپڊ) وڌيڪ ڇو آهي ۽ ان جو مناسب حل | 22 |
| 15 | هاري دوست جيت | 24 |
| 16 | جوئر جي پوک | 25 |
| 17 | اڪ گهڻ فائدي وارو پوٽو | 26 |



ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات ۽ آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز، زرعي توسيع سنڌ
بلاڪ ايف، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد
فون: 022-9200108, 022-9201276 ،03111646111
www.ictagrisindh.gov.pk; Email: dir.infoagriext@gmail.co



# پيغام

آبادگار پائرو سنڌ زراعت جو جولاءِ وارو شمارو نت نون مضمون ۽ سھڻين صلاحن سان اوهان جي هٿن تائين پهچي چُڪو آهي. جيئن تہ سنڌ ۾ خريف جي مُکيہ فصلن وونئڻن جي پوکي مکمل ٿي چڪي آهي ۽ سارين جا رونبا جاري آهن. اسان مُند کي نظر ۾ رکندي اوهان لاءِ هي شمارو تيار ڪيو آهي. جنهن ۾ خريف جون پاڇيون، سارين جي پوک، انبن جو ساليانو ڪم ڪرڻ، هاري دوست جيت، گاهہ وارا فصل، دالين وارا فصل، سُورج مُکي ۽ ڪجي بابت مضمون شامل آهن.

آبادگار پائرو سنڌ زراعت اوهان جو پنهنجو رسالو آهي ان ۾ شامل مضمون سمورا اوهان جي رهنمائي لاءِ آهن ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اوهان انهن تي عمل ڪري في ايڪڙ پيداوار ۾ واڌارو ڪريو.

اوهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي تہ نہ رڳو زرعي توسيع هن رسالي ذريعي آبادگارن سان رابطي ۾ آهي پر ان سان گڏوگڏ سوشل ميڊيا ذريعي بہ اسان پنهنجي فيس بُڪ پيج تان اوهان لاءِ زرعي پيغام، وڊيو ۽ زرعي پروگرام پيش ڪري رهيا آهيون. جهڙوڪ: زرعي چاڙھ، مثالي آبادگار، سنڌ زراعت ۽ هارياڻي پروگرام جنهن ۾ آبادگارن لاءِ مفيد مشورا آهن.

اسان جو اهو يقين آهي تہ مضبوط زراعت سان ئي ملڪ ۾ خوشحال آڻي سگهجي ٿي.

**اوهان جو خير انديش**

**منير احمد جماڻي**

**ڊائريڪٽر جنرل**

**زرعي توسيع زراعت کاتو**

**حڪومتِ سنڌ**

# جولاءِ مهيني جا زرعي ڪم ڪار

## زرعي تحقيقي ادارو ٹنڊوڄام

**وونٽڻ:**

وونٽڻ جي فصل کي روزانو جي بنياد تي جانچي ڏسجي جيڪڏهن رس چوسڻ وارن جيتن جو حملو نظر اچي ته انهي جي ضابطي لاءِ هيٺيان تدارڪ ڪجن.

**ٿرپس:** جي تدارڪ لاءِ ڪلوروفينا پائر 100 ملي لٽر في ايڪڙ يا ڊائميٿوٽ 40EC 500 ml في ايڪڙ يا اسپائينو ٽيورم 12SC في ايڪڙ استعمال ڪجي.

**جيسڊ:** ڊائنو ٽي فيوران 100 گرام في ايڪڙ يا فيوني ڪيمڊ 80 گرام في ايڪڙ يا نائٽي پائرم 30_50% گرام في ايڪڙ استعمال ڪجي.

**اڇي مک:** موس پيلان 125 گرام في ايڪڙ يا بيپروفيزن 500 گرام في ايڪڙ (اڇي مک جي بچن ۽ آنن لاءِ).

- وونٽڻ جي فصل ۾ ڇڊائي جو خاص خيال رکيو وڃي ۽ ٻوٽي کان ٻوٽي تائين 9 کان 12 انچ مفاصلو رکڻ گهرجي پر ان ۾ هڪ ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي جڏهن ته ڪجهه جنسون اهڙيون آهن جن ۾ ٻوٽي جو قد بت ٻين جنسن کان وڌيڪ هجي ته ان ۾ ڇڊائي 12 کان 15 انچن تائين ڪرڻ گهرجي.
- اُهي ضلعا جتي آڳاتا وونٽڻ پوکيل آهن اتي گُڏ صفائي ۽ ڇڊائي جهڙا ضروري ڪم اُڪلائي ڇڏجن.
- گرم آبهوا جي ڪري وونٽڻ ۾ تڪڙا پاڻي ڏيڻ گهرجن.
- خيرپور، سکر، گهوٽڪي جهڙن ضلعن ۾ وونٽڻ جي پوکي يا صبح واري پهر ۾ يا شام واري پهر ۾ ڪرڻ گهرجي.
- ڦوٽهڙي جي حساب سان ٻج جو پورو پورو مقدار استعمال ڪرڻ گهرجي.

### وونٽڻ مان بهتر پيداوار وٺڻ لاءِ چند اهم نقطا:

- ○ وونٽڻ جي فصل مان بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ گندگاهه جو خاتمو شروعاتي مرحلي تي ئي ڪري ڇڏڻ گهرجي.
- ○ پاڇاتي پوکيل وونٽڻ ۾ پهريون پاڻي ڏيڻ گهرجي ۽ جيڪي اپريل ۽ مئي مهيني پوکيل آهن انهن جي پاڻي جو به خاص خيال رکڻ گهرجي.
- ○ وونٽڻ ۾ يوريا ياڻ جي پهرين ڀُڪي پهرين پاڻي تي ڏيڻ گهرجي، جيڪڏهن پوکي جي وقت نه ڏني وئي هجي ته ۽ يوريا ياڻ جو ڪجهه مقدار گل ياڻي تي پڻ ڏيڻ ضروري آهي. متاثر فصلن کي رس چوسيندڙ ڪينئن خلاف ڪنهن بهترين جيت مار زهر جو ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن وونٽڻ جي ٻوٽي ۾ شروعاتي مرحلي تي ڪنهن بيماري يا جيت جو حملو ٿيو هجي ته ٻوٽي جي واڌ ويجهه ٻُري طرح رڪجي ويندي جنهن جي نيجي ۾ پيداوار تي سڌو سنئون منفي اثر پوندو.

### ڪمند جو فصل:

- ڪمند جي فصل کي 8 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان پاڻي ضرورت مطابق ڏيڻ گهرجي.
- ڪمند جي پاڙ کي مٽي سان مضبوط ڪجي ته جيئن فصل ڪري نه پوي.
- جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهي نائٽروجن وارن ياڻن جو وزن مڪمل ڪري ڇڏجي.
- ○ ڪمند جي فصل کي جيتن جي حملي کان بچاءِ لاءِ خاص خيال رکڻ گهرجي.

### چاري وارا فصل:

1. هن وقت جوار جي پوکي مڪمل ڪرڻ گهرجي،
2. مڪئي جي پوکي پڻ جيترو جلدي ٿي سگهي مڪمل ڪري ڇڏڻ گهرجي.
3. پوکيل فصل کي هن وقت مناسب ياڻ ڏيڻ گهرجي ته جيئن بهتر پيداوار ڪٽي سگهجي.
4. مڪئي جي فصل مان بهتر پيداوار وٺڻ لاءِ ٻج جو مقدار وڌ ۾ وڌ 80 کان 100 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ جوار جي لاءِ بهتر پيداوار وٺڻ لاءِ 25 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج ڪافي رهندو.

### تيلي ٻج:

1. **سورج مکي:** تيلي ٻجن ۾ هي گهٽو پوکيو ويندڙ فصل آهي، هن جي ٻج کي گدام ۾ ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڪنهن تڏي

جاءِ جي چونڊ ڪجي ۽ اهڙي ماحول ۾ ٻج جمع ڪجي جو ڪنهن به بيماري ۽ جيت جو حملو نه ٿي سگهي.

2. **تر:** هن وقت ترن جو فصل پچڻ واري مرحلي تي هوندو. هِن وقت ترن جي فصل جو روزانو جي بنياد تي معائنو ڪرڻ گهرجي.

3. **سويابين:** هي هڪ نازڪ فصل آهي هن جو لاٻارو تمام خيال سان ڪرڻ گهرجي ته جيئن لاٻاري دوران ٻج ضايع نه ٿئي.

4. **السي:** هن فصل جي ٻج کي لاٻاري ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن محفوظ جاءِ تي ذخيرو ڪجي ته جيئن ذخيرو ڪرڻ کانپوءِ ڪنهن بيماري يا جيت جو حملو نه ٿئي.

5. **پواڙي:** هن فصل جي ٻج کي پڙ ڪنهن محفوظ جاءِ تي ذخيرو ڪجي ته جيئن گدام ۾ ڪنهن به قسم جو جيت يا بيماري حملو نه ڪري سگهي.

**جيتن تي ضابطو** :Pest management

**ٽماٽو:** ٽماٽي جي فصل جو رزانو جي بنياد تي جائزو وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن اڇي مک ۽ ڪينئن جو حملو نظر اچي ته هيٺ ڏنل زرعي زهرن کي زرعي ڪارڪن جي مشوري سان ڦوهارو ڪجي.

**ميووي واري ڪينئين لاءِ:** هن ڪينئين جي تدارڪ لاءِ ميچ 200 ملي لٽر في ايڪڙ يا ٽريس 80 ملي لٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪرڻ گهرجي..

**اڇي مک لاءِ:** هن مک جي تدارڪ لاءِ اميدا ڪلوپرڊ 100 ملي لٽر في ايڪڙ يا ميتوئي 150 گرام في ايڪڙ ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

**ٽماٽي جي پن وارو ڪينئون:** ٽماٽي جي سرنگهه واري ڪينئين جي ضابطي لاءِ ريڊنٽ 80 ملي لٽر 250 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾.

**مرچ:** مرچن جي فصل جو روزانو جي بنياد تي جائزو وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪٿي جيتن جو حملو نظر اچي ته هي احتياطي اپاءُ وٺڻ گهرجن. يا حد جي زرعي ڪارڪن جي مشوري سان.

**مرچن جي مڪڙي واري جون:** او بي ران 100 في ايڪڙ يا نائسورن 100 گرام في ايڪڙا يا پولو 500 Sc، 250 ملي لٽر في ايڪڙ.

**واڱڻ، ڪريلا، گيھا توريون ۽ لاهوري گجر:**

جيڪڏهن واڱڻ جو ميووي وارو ڪينئون يا ميووي واري مک، تورين ۾ يا لاهوري گجر جو سونڊ وارو ٿنڊ نظر اچي ۽ هي جيت نقصان واري معاشي حد تي هجي ته پوءِ هيٺيان احتياطي اپاءُ حد جي زرعي ماهر جي مشوري سان ڪرڻ گهرجن.

**واڱڻ وارو ڪينئون:** ميچ 200 ملي لٽر في ايڪڙ يا ٽريسر 80 ملي لٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

**لاهوري گجر ۾ سونڊ واري جيت لاءِ:** لارس بان 600 ملي لٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.

**ڪريلا ۽ گيھا توريون:** ڪريلن ۽ گيھا تورين ۾ ميووي واري مک لاءِ ٽائي ڪلوروفارم 250 ملي لٽر في ايڪڙ يا ٽرائي گارڊ 50 ملي گرام 100 لٽر پاڻي ۾ في ايڪڙ ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

**ٻوٽن جي بيمارين تي ضابطي لاءِ:**

1. پاڇين ۾ سينور واري بيماري لاءِ (Downy Mildew) سڪسيس 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ يا ميڪوزيب 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ 7 ڏينهن جي وقفي سان ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.
2. ڪمند جي ڇهبڪ واري ڪاٽي لاءِ پوکي کان اڳ ڪمند جي ڳرين کي مينڪوزيب+ميٽاليڪس يا ريڊومل گولڊ 2 گرام ٻج کي لڳائي پوءِ پوکي ڪرڻ گهرجي.
3. جوئر جي ڪاٽي واري بيماري لاءِ پوکي کان اڳ ٻج کي مينڪوزيب+ميٽاليڪس يا ريڊومل گولڊ 2 گرام في ڪلو ٻج ۾ ملائي پوءِ پوکي ڪرڻ گهرجي.
4. ٽماٽي ۾ آڳاٽي ساڙ واري بيماري تي ضابطي لاءِ 2 کان 3 دفعا اينٽراڪول 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي استعمال ڪجي يا ريڊومل گولڊ 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي 7 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان ڦوهارو ڪجي.

**طاقتور جزن عام وزن هيٺ ڏنل آهن:**

| فصل | طاقتور جزا (ڪلوگرام/هيڪٽر) | | | |
|---|---|---|---|---|
| | نائٽروجن | فاسفورس | پوٽاش | |
| وونئڻ لاءِ | 112_170 | 56_70 | 0_0 | ڪيميائي ڀاڻ جو ٽيون حصو ڳلن نڪرڻ وقت ڏيڻ گهرجي. |
| ترن لاءِ | 58 | 29 | 0 | فاسفورس ۽ ½ حصو نائٽروجن واري ڀاڻ جو پوکي وقت ڏيڻ گهرجي. |

**نوٽ:** هي ڀاڻ جو عام وزن آهي. صحيح وزن ۽ مقدار معلوم ڪرڻ لاءِ زمين جي چڪاس ڪرايو. ڀاڻ جو وزن مختلف زمينن لاءِ مختلف سفارش ٿيل آهي.

پوٽاش 50 ڪلوگرام في هيڪٽر کي استعمال ڪرڻ گهرجي جتي پوٽاش جي گهٽتائي معلوم هجي.

فصلن جو رزانو جي بنياد تي معائنو ڪرڻ گهرجي.

# سارين جي رونبي متعلق سفارشون

ڊائريڪٽوريٽ زرعي توسيع لاڙڪاڻو ڊويزن

چانور اسان جي ملڪ جي پرڏيهي روانگي واپار ۾ ڪپهه کانپوءِ اهم فصل آهي جنهن مان لڳ ڀڳ ساليانو 02 ارب ڊالر اسان جي ملڪ جي پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافو ٿئي ٿو. في ايڪڙ پيداوار جي لحاظ کان اسان جو ملڪ دنيا جي ملڪن جي فهرست ۾ 08 نمبر تي آهي جڏهن ته اسان جي ملڪ جي موسم هن فصل جي لاءِ موافق ۽ بهترين هجڻ ڪري سارين جي فصل جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ جي گنجائش موجود آهي. انهي لاءِ فصل جي پوکي جي مختلف مرحلن دوران صحيح نظرداري ڪري في ايڪڙ پيداوار وڌائي سگهجي ٿي جنهن سان ججهو پرڏيهي ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو ۽ ملڪي معيشيت کي مستحڪم ڪري سگهجي ٿو.

آبادگارو ڀائرو جيئن ته جولائي جو مهينو شروع ٿي چڪو آهي اتر سنڌ ۾ آڳاٽين جنسن جا بيجارا تقريبن 20 کان 25 ڏينهن جا ٿي ويا آهن جيئن ئي شاخن ۾ پاڻي اچي رونبي جي تياري ڪجي. اهو ياد رکجي ته رونبي لاءِ سارين جو بيجارو 25 کان 28 ڏينهن کان وڌيڪ وڏو نه هجي. وڏي عمر جي بيجاري جون پاڙون زمين ۾ اونهيون هجڻ ڪري پٽڻ سان زخمي ٿين ٿيون ۽ رونبڻ سان مرائين ۾ ساڙ پيدا ٿيندو.

اسان وٽ سارين جي گهٽ پيداوار جو اهم سبب في ايڪڙ ٻوٽن يا مرائين جو تعداد گهٽ هجڻ آهي جڏهن ته ماهرن طرفان سارين جي ٻوٽن جو في ايڪڙ تعداد اسي هزار کان هڪ لک هجڻ گهرجي.

انهي لاءِ سارين جي فصل جو رونبي ڪرڻ جو صحيح طريقو هيٺ بيان ڪجي ٿو.

اسان وٽ عام طور لس واري طريقي سان رونبو ڪيو وڃي ٿو جنهن سان في ايڪڙ گهربل ٻوٽن جو تعداد حاصل ڪونه ٿو ٿئي يا ته في ايڪڙ ٻوٽن جو تعداد 80,000 کان به گهٽ ٿئي ٿو يا وري فصل گهاٽو لڳائڻ سان فصل ٻجڻ وقت ڪري پوي ٿو ۽ هوا جو گذر نه هئڻ سبب جيتن ۽ بيمارين جي ور چڙهي ٿو وڃي جيڪڏهن فصل چڊو هوندو ته گهٽ ٻوٽن جي تعداد ڪري نتيجن گهٽ پيداوار ملي ٿي. انهي لاءِ آبادگار ڀائرن کي گذارش ڪجي ٿي ته ڪاٺ جي ميٽر جو هڪ چوڪنڊو فريم ناهي پاري ۾ رونبي دوران رونبو ڪيل جاءِ تي رکي فريم ۾ اندر مرايون ڳڻجن جيڪڏهن ٽن چئن جاين تي فريم اندر مرائين جو سراسري تعداد 25 هجي ته يقينن سمجهو ته ايڪڙ ۾ 100,000 مرايون لڳي رهيون آهن ۽ جيڪڏهن سراسري 20 مرائيون فريم ۾ اچن ٿيون ته في ايڪڙ رونبيل مرائين جو تعداد 80,000 هوندو انهي کان گهٽ ۽ انهي تعداد کان وڌيڪ لڳل مرائيون گهٽ پيداوار جو سبب بڻجي ٿو. روائتي جنسن لاءِ 03 تيلا في مرائي لڳائڻ گهرجن جڏهن ته هائبرڊ جنسن لاءِ 02 تيلا في مرائي ڪافي آهن

رونبي جي شروعات هميشه هيناهين زمينن کان ڪرڻ گهرجي ائين نه ڪرڻ سان انهن زمينن مان اندران پاڻي ٻڙڪي ٻاهر نڪرندو جنهن سان لڳايل مرائين ۾ ساڙ ٿيندو.

## مختلف جنسن جي رونبي ڪرڻ لاءِ صحيح وقت:

اري- 06، اري- 08 ۽ سدا حيات لاڙ جي علائقي ۾ پهرين جون کان جولائي جي پهرين هفتي تائين ۽ اتر سنڌ ۾ 15 جون کان 20 جولائي تائين رونبو ڪرڻ گهرجي جڏهن ته پاڇاتيون جنسون سنڌ سڏار ۽ هائبرڊ ٻجن جو رونبو لاڙ واري علائقي ۾ جولائي جو سڄو مهينو جڏهن ته اتر سنڌ ۾ 25 جولائي کان 20 آگسٽ تائين رونبو ڪرڻ گهرجن.

اتر سنڌ جي شڪارپور ۽ شهدادڪوٽ جي علائقن ۾ باسمتي چانورن جون جنسون باسمتي- 515 ۽ سپر باسمتي جنسون گذريل چند سالن کان لوڪل آبادگارن ۾ وڌيڪ اگهه ۽ پاڇاتيون هجڻ ڪري مقبوليت ماڻي رهيون آهن هنن جنسن جو رونبو شڪارپور ۽ شهدادڪوٽ جي علائقن ۾ 15 جولائي کان شروع ڪرڻ گهرجي ۽ 10 آگسٽ تائين پورو ڪرڻ گهرجي.

آبادگار ڀائرو رونبي دوران آبپاشي جو پاڻي فقط هڪ انچ هجڻ گهرجي روزانو پاڻي ڏيڻ گهرجي پاڻي جي سطح هڪ هفتي تائين هڪ انچ رکجي جڏهن مرائيون پاڙ هٽي چڙهي هلن ته آبپاشي جي پاڻي جي سطح وڌائي 03 انچ ڪرڻ گهرجي ان کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي وڌيڪ پاڻي جي سطح پاڻي جو زيان هوندي جنهن سان هن پاڻي جي سخت کوٽ واري صورتحال ۾ ٻيا آبادگار پڻ متاثر ٿي سگهن ٿا.

# مينهن جي مهينن ۾ ڪمند جي فصل لاءِ سفارشون

واجد هيسباڻي، سينيئر سائنٽسٽ ۽ نثار احمد عمراڻي فيلڊ اسسٽنٽ زرعي تحقيقاتي ادارو ٽنڊوڄام

آبادگار پائرو جيئن ته اوهان کي خبر آهي ته جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾ سنڌ صوبي ۾ سانوڻي جي برساتن جي شروعات ٿي پوندي آهي. بين الاقوامي ماحولياتي تبديلي جي ڪري گذريل ڪجھ سالن کان برساتن جو غير معمولي سلسلو هلندڙ آهي جنهن دوران معمول کان وڌيڪ برساتن پوڻ جو سلسلو هلندڙ آهي. جنهن جي نتيجي ۾ زرعي فصلن کي مشڪلاتون پيش ايندڙيون رهن ٿيون. انهن فصلن مان ڪمند جو فصل به آبادگارن ۽ ملڪي معيشت کي هٿي ونرائڻ لاءِ تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي.

مجموعي طور تي ڪمند جي پوکي ٻن مُندن ۾ ڪئي ويندي آهي. هڪ سرءُ جي پوکي جيڪا 15 آگسٽ کان 15 آڪٽوبر جي دوران ڪئي ويندي آهي ۽ ٻئي بهار واري پوک جيڪا 15 فيبروري کان 31 مارچ جي دوران ڪئي ويندي آهي. هنن مُندن ۾ پوکيل ڪمند جو فصل سانوڻي جي برساتن دوران پنهنجي بهترين واڌويجھ واري مرحلي مان گذري رهيو هوندو آهي. سانوڻي جي موسم دوران ڪمند جي لٺ ٺهڻ جو عمل جاري رهندو آهي، ان دوران گرمي پد کي مدِ نظر رکندي پاڻي ڏيڻ جي عمل جو خاص خيال رکڻ گُهرجي گڏوگڏ برساتن جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي فصل جي پاڻي جي نيڪاسي واري عمل کي بهتر ڪجي.

اسان سائنسدانن جي نظر ۾ ٻين فصلن جي ڀيٽ ۾ ڪمند جو فصل هڪ انشورن وارو فصل آهي جو هي فصل 12 کان 15 مهينا زمين ۾ بيهڻ جي ڪري تمام تر موسمي سختين کي برداشت ڪرڻ جي اهليت جو حامل هجڻ جي ڪري آبادگارن کي نفعو پهچائي ٿو.

سٺي لوپ حاصل ڪرڻ لاءِ سانوڻي جي مهينن ۾ بهتر سارسنڀال لاءِ هيٺ ڏنل سفارشن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

## سرءَ جي پوکيل ڪمند جي لاءِ:

- سرءُ جي پوکيل فصل تقريباً 9 کان 10 مهينن جو ٿي ويندو آهي.
- پاڻي 8 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان ڏجي.
- يوريا ياڻ آخري مقدار جون جي مهيني ۾ پورو ڪجي.
- دوست ڪيڙن جي آنن وارا ٽرائيڪوگراما ڪارڊ جو استعمال جاري رکجي.
- مُنڍي فصل ۾ مٽي چاڙهڻ جو عمل ڪجي.
- فصل کي موسم جي لحاظ کان پاڻي ڏجي.
- ڪوئن جي حملي کان بچاءُ لاءِ زرعي دوا جھڙوڪ زنڪ فاسفيٽ جو استعمال ڪرڻ گهرجي.
- 100 کان 150 ملي ميٽر برسات پوڻ ڪمند لاءِ فائديمند آهي.

## بهار جي پوکيل ڪمند جي لاءِ:

- بهار جو پوکيل فصل 3 کان 4 مهينن جو ٿي ويندو آهي.
- مٽي چاڙهڻ جو عمل ڪجي ۽ هڪ بوري يوريا ياڻ استعمال ڪري پاڻي ڏجي.
- دوست ڪيڙن جي آنن وارا ٽرائيڪوگراما ڪارڊ استعمال جاري رکجي.
- ڪمند جي ڇهبڪ واري ڪاٽي جي بيماري وارا ٻوٽا احتياط سان ڪيدي فصل کان پري ساڙي ڇڏجن.
- پاڻي موسم جي لحاظ کان ڏيڻ گهرجي.
- 100 کان 150 ملي ميٽر برسات پوڻ ڪمند لاءِ فائديمند آهي.
- برسات پوڻ دوران يوريا ياڻ جو استعمال نه ڪجي.

# انبن جو ساليانو زرعي ڪم ڪار

ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد

**جنوري:**

- مُڪڙيون/گل ڪلڙ جي مرحلي تي بلوسم مج لاءِ ڦوهارو ڪريو.
- ٻچن ۽ بالغ مينگو هاپر (مهلي) جي تدارڪ جي لاءِ ڪونفيڊور 0.5 ملي لٽر في لٽر پاڻي استعمال ڪريو.
- جيڪڏهن ٻور/گلن جا ڇڳا ٽن انچن ڪان وڌيڪ ڊيگهه تي پهچي وڃن ته ٽوپاس 0.5 ملي لٽر في لٽر پاڻي ۾ اڇي سينور جي تيدارڪ لاءِ ڦوهارو ڪريو.
- ٻور/گلن جي سڙڻ ۽ سوڪهڙي جي بيماري لاءِ ڪار بيندازم هڪ گرام جي حساب سان في لٽر پاڻي ۾ يا ڊاٿين ايم 45 (مينڪوزيب) 0.1 في سيڪڙو يعني گرام في لٽر پاڻي يا اسڪور بحساب 0.2 کان 0.4 ملي لٽر في لٽر پاڻي سان ڦوهارو ڪريو.

**فيبروري:**

- مينگو هاپر، اڇي سينور، سوڪهڙي ۽ گلن/ٻور جي سڙڻ وارين بيمارين لاءِ جنوري مهيني ۾ سفارش ڪيل هدايتن تي عمل ڪريو.

**مارچ:**

- ميوو ڪرڻ کان بچاءَ لاءِ نيفٿيلين اسيٽڪ ايسڊ NAA 20 پي پي ايم جي حساب سان (2 ملي لٽر في 4.5 لٽر پاڻي) جو ڦوهارو انهيءَ وقت ڪيو وڃي جڏهن ميوي جي جسامت ڇٽي جي ٻج جي برابر ٿئي.
- جڏهن ميوي جي جسامت چني جي ٻج جي برابر ٿئي ته هڪ سيڪڙو بوريڪس (بوران) جا 3 ڦوهارا 15 ڏينهن جي وقفي سان ڪريو. جڏهن ميوي جي جسامت ڇٽي جي داڻن برابر ٿئي ته 2 کان 3 ڀيرا 15 کان 20 ڏينهن جي وقفي سان پاڻي ڏيو.
- ڪر ٻوڪ جي متاثر ٿيل گلن کي 30 کان 50 سينٽي ميٽر ڀوڻان ڪٽي/وڍي ساڙي ڇڏيو.

**اپريل:**

- ڪر ٻوڪ کان متاثر گلن جي ڳولا ۽ انهن کي ساڙڻ وارا عمل جاري رکو.
- ميوي وارين لٽڪيل ٽارين کي لڪڙن سان سهارو ڏيو.
- ميوو جهلڻ وارن باغن ۾ باقاعدگي سان پاڻي ڏيو.
- ننڍن ٻوٽن ۾ سوڪهڙي جي تدارڪ لاءِ 0.1 في سيڪڙو ڪاربينڊازم جو استعمال ڪريو.

**مئي:**

- ميوي جي مک جو باقاعدگي سان جاچ پڙتال ڪريو ۽ تدارڪ لاءِ قدم کڻو.
- اسڪيل مج، چوٽي واري ڪيئنين (Shoot Borer) جي تدارڪ لاءِ ڪراٽي 0.5 ملي لٽر في لٽر پاڻي جي حساب سان استعمال ڪريو.
- ميوي جي مارڪيٽنگ لاءِ مناسب قدم کڻو.

**جون:**

- جلدي پچڻ وارين جنسن جي پٽ جي شروعات ميوي جي مک جي جاچ ۽ ان جي تدارڪ لاءِ مناسب قدم جاري رکو.

**جولاءِ:**

- ميوي جي پٽ ۽ مارڪيٽنگ جاري رکو.
- انبن جا ڪوئلا باغ کان پري چپر واري ڍڪيل نرسري ۾ لڳايو.
- پٽ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ فورن بعد مٽي جا نمونا چڪاس لاءِ موڪليو.
- جيئن ئي پٽ مڪمل ٿي وڃي وڻ جي شڪل ۽ سائيز برقرار رکڻ ۽ نين شاخن نڪرڻ جي لاءِ مناسب اوزار سان ڇانٽي ڪريو ۽ ڪپيل حصن تي بورڊيڪس مڪسچر لڳايو.
- وڻ جي گهير جي هينيان گندگاهه ختم ڪريو ۽ پاڻ جي ويجهو گهرو هر نه هلايو.
- ڏهه سال يا ان کان وڌيڪ عمر جي وڻن لاءِ نائٽروجن جي اڌ خوراڪ، فاسفورس جي پوري خوراڪ ۽ ڪئلشيم جي اڌ خوراڪ زمين جي تجزيئي مطابق ڏيو.
- پنن ۽ زمين جي تجزيئي جي بنياد تي نڪرڻ وارين ٽارين جي مرحلي تي خوراڪي جزن مُڪيه توڙي ننڍن، جو ڦوهارو ڪريو. مثال طور بورڪ ايسڊ، زنڪ سلفيٽ، چيليٽڊ زنڪ ميگنيشم سلفيٽ، فيرس سلفيٽ (آئرن) پوٽاشيم نائٽريٽ، ڪاپر سلفيٽ ۽ وساٽل چن.
- ميوي جي پٽ مڪمل ٿيڻ بعد باغ ۾ ڪريل، ڳريل سڙيل ميون کي باغ کان پري دٻايو.
- نئين باغ ۾ موجود خالي جاين تي ٻوٽا لڳايو.

**آگسٽ:**

- چپر واري نرسري ڍڪيل ۾ باغ کان پري ڪوئلا پوکڻ جاري رکو.

- پاچاتين جنسن جي پٽ ۽ مارڪيٽنگ جاري رکو.
- رس چوسڻ وارن جيتن شوٽ گال ليف مائنز ٿررو ۽ اسڪيل وغيره جي تدارڪ لاءِ ڦوهارو ڪريو.

**سيپٽمبر:**

- سائي ڀاڻ وارن فصلن ۾ هر هلائي زمين جو حصو بڻايو.
- نائٽروجن ۽ پوٽاشيم جي رهيل اڌ خوراڪ وجهو باغ ۾ زنڪ جي کوٽ هجي ته زنڪ سلفيٽ وجهي پاڻي ڏيو.
- باغن ۾ ٻور واري عمل جي لاءِ پاڻي روڪي ڇڏيو. (هي عمل مختلف علائقن ۾ مختلف ٿئي ٿو).
- نرسري جي ٻوٽن ۾ سوڪهڙي تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڦوهارو ڪريو.
- ضرورت جي مطابق هر هلائڻ ۽ گندگاهه ختم ڪرڻ جاري رکو.

**آڪٽوبر:**

- نين ٽارين کي ڪرپوڪ کان بچائڻ لاءِ نيفٿلين اسيٽڪ ايسڊ 20 ملي لٽر في 4.50 لٽر پاڻي 15 ڏينهن بعد ڦوهارو ڪريو.
- ڊاءِ بيڪ کان متاثر ٽيل ٽارين کي وڍي ساڙي ڇڏيو. هر 15 ڏينهن ڪاپوءِ ڪاپر آڪسي ڪلورائيڊ 3 گرام في لٽر پاڻي جي حساب سان ڦوهارو ڪريو.
- نون باغن ۾ سياري جي مُند وارن فصلن جهڙوڪ: چنا، سرنهن، ڪڪڙ، جو مٽر، ڳاڙهو ڇٽو ۽ سياري جون ڀاڄيون وڻن جي قطارن جي درميان لڳايو.
- اهڙا فصل جن کي وڌيڪ پاڻي گهرجي جهڙوڪ: برسيم، لوسڻ، چانور ۽ ٻيا ڊگهي عرصي وارا فصل نه لڳايو.
- ٻوٽي جي ساڙ واري بيماري جي تدارڪ لاءِ 15 ڏينهن بعد 0.2 سيڪڙو بينومائل (2 گرام في لٽر پاڻي) يا 0.3 في سيڪڙو ڪاپر آڪسائيڊ (3 گرام في لٽر پاڻي) ڦوهارو ڪريو.

**نومبر:**

- ضرورت جي مطابق ساڙ واري بيماري ۽ ڊاءِ بيڪ جي لاءِ ڦوهارو جاري رکو.
- ضرورت جي مطابق هر هلائڻ ۽ گندگاهه ختم ڪرڻ جاري رکو.

**ڊسمبر:**

- نئين باغ لاءِ پاڻي ۽ سيءَ کان بچاءَ لاءِ تدبيرون ڪريو.
- ڪرپوڪ جي تدارڪ لاءِ متاثر ٽيل ڇڳن جي ڪٽائي ڪريو.
- پنن جي تجزئي لاءِ پڪي عمر جي ٽارين جي چونڊ ڪريو. ڇو ته انهيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ خوراڪي جزا موجود هوندا آهن.
- ضرورت پوڻ تي اسڪيل جي تدارڪ ۽ وڌيڪ جيتن جي ڪنٽرول لاءِ جيت مار دوائن جو استعمال ڪريو.

# ڪجيءَ جي ميوي جي پٽ

رسول بخش خاصخيلي

ڪجي جو ٻوٽو چوٿين سال ميوو جهلي ٿو. جولائي يا آگسٽ ۾ ميوو پچي راس ٿئي ٿو. مڪمل پيداوار 8 کان 10 سالن کان پوءِ حاصل ٿئي ٿي. هڪ ٻوٽو 40 کان 80 ڪلوگرام ميوو جهلي ٿو. ميووي جي ڦڪري ۽ برداشت وقت ڪافي حصو ضايع ٿي ويندو آهي.

## ميووي لاهڻ وقت هنن ذڪر ڪيل تدبيرن ۽ احتياطن تي عمل ڪرڻ گهرجي:

ڪجي جو ميوو پچڻ کان اڳ نه توڙيو. ڇو جو ان ۾ ڪڙاڻ ٿئي ٿي ۽ منڊي ۾ قيمت نه ٿي ملي. اگر پڪل ميوو دير سان لاهجي ٿو ته سڙيو وڃي. ان لاءِ ضروري آهي ته پڪل ميووي کي بروقت برداشت ڪريو. ميوو پچندو آهي ته ان جو رنگ پِيلو ٿي پوندو آهي، مناڻ مڪمل ٿيندي آهي. اڪثر آبادگار ميوو لاهي زمين تي پکيڙي ڇڏيندا آهن. جتان ان کي ڪيڙا لڳن ٿا. ميوو ڏاڪڻ رکي توڙجي ۽ ا جي حفاظت ڪجي.

### ميووي کي خشڪ ڪرڻ:

**(1) تڏن تي خشڪ ڪرڻ:**

جڏهن ميوو ڏنگ جي صورت حاصل ڪري ته اس ۾ تڏن تي پکيڙجي ۽ سج لهڻ کان پوءِ هوادار ڪمري ۾ رکي ڇڏجي. مکين ۽ مٽي کان بچائڻ لاءِ ململ جو ڪپڙو مٿان وڇائجي.

**(2) ميووي کي ڪاسٽڪ سوڊا سان صاف ڪرڻ:**

ميووي کي 1 سيڪڙو ڪاسٽڪ سوڊا جي ٿهڪيل پاڻيات ۾ هڪ منٽ رکي ٻاهر ڪيڍي، عام پاڻي سان ڌوئجي. 3 کان 4 ڏينهن اس ۾ سڪائي ڍبن ۾ بند ڪجي.

**(3) ڇوهارو ٺاهڻ:**

ميوو ڏوڪن جي صورت ۾ توڙجي، ان کي ململ جي ڪپڙي ۾ وجهي، ابرندڙ پاڻي ۾ 2 کان 3 منٽ رکجي، ان بعد 4 کان 5 ڏينهن تڏن تي پکيڙجي، ڇوهارا تيار ٿي پوندا.

# وونئڱن جي گل ڀاتي ڇڻڻ جا سبب ۽ بچاءَ لاءِ تجويزون

وونئڻ سنڌ جو خاص ۽ اهم فصل آهي. هن جي پيداوار مان نه صرف ملڪي ضرورتون پوريون ٿين ٿيون. پر غير ملڪي ناڻو به ڪمايو وڃي ٿو. وونئڻ مان سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ پوکيءَ کان وٺي چونڊي تائين, هر عمل کي جيستائين پوري توجهه سان نه سنڀالبو تيستائين هن فصل مان سٺي پيداوار نٿي ڪٽي سگهجي. وونئڻن جي فصل ۾ گل ڀاتيءَ کي سٺي پيداوار جو عنصر سمجهيو ويندو آهي, پر جيڪڏهن گل ڀاتيءَ ۾ ڇاڻو فطري حد کان وڌي وڃي ته, يقينن ان سان پيداوار ۾ گهٽتائي ٿيندي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته گل ڀاتيءَ ڇڻڻ جا سبب ڪهڙا آهن؟ ان لاءِ سڀ کان پهريائين اِها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته ٻوٽي ۾ ڪجهه ڳالهيون اندروني بناوت ۾ اچن ٿيون يا سندس ڪٽنب کان ورثي ۾ ملن ٿيون. جنهن کي جنيٽڪس (Genetics) چيو وڃي ٿو ۽ ٻيو ٻاهريون ماحولياتي اثر ۽ ٻوٽي جي ضرورتن کي نه سمجهڻ انهن سببن جي ڪري گل ڀاتيءَ ۾ ڇاڻو ٿئي ٿو.

**جينياتي اثر:** پهريون سبب جيڪو ٻوٽي کي ورثي ۾ مليل آهي. ٻوٽي جي اها خاصيت تبديل ڪرڻ ڪو آسان ڪم نه آهي, مگر ناممڪن به نه آهي. دنيا ۾ اهڙين گهڻن ڳالهين تي ڪم هلي رهيو آهي, ته ٻوٽي جي جين (Genes) کي ڪنهن ٻي جنس سان ميلاپ ذريعي خوبي يا خامي کي ختم ڪري يا گهٽتائي ڪا نئين تبديلي آڻجي, جنهن جا جديد سائنسي تجربن وسيلي ڪامياب نتيجا مليا آهن.

**ماحولياتي اثر:** ٻوٽو به انسان وانگر جاندار آهي. جنهن کي اُس, روشني, پاڻيءَ ۽ هوا جي ضرورت پوي ٿي. جيڪڏهن وونئڻ جو فصل گهاٽو آهي. يعني منجهس جدائي ٺيڪ نه آهي ته ان سان هڪ ته ٻوٽا ڪمزور ٿي ويندا ۽ ڪمزور ٻوٽي ۾ اها سگهه نه رهندي, ته هو ماحولياتي اثر جو مقابلو ڪري. نتيجي طور اهڙي فصل ۾ گل ۽ گوگڙا گهٽ ٺهندا ۽ ٺهيل گل ڀاتيءَ مان جيڪڏهن ڪجهه سيڪڙو ڇاڻو ٿي ويا, ته يقينن پيداوار ڏڪجي ويندي, ان لاءِ ضروري آهي ته فصل ۾ جدائي ڪجي. ته جيئن ٻوٽا مضبوط ۽ تندرست ٿين. گل ۽ گوگڙا به گهڻا ڄمڻ ۽ ڇاڻو به گهٽ ڪن.

**ڪيميائي ڀاڻ جو استعمال:** ڪيميائي ڀاڻ جي استعمال سان ٻوٽن ۾ خوراڪي جزا مهيا ٿين ٿا. پر ساڳئي وقت زمين جي ڪيميائي خاصيتن تي پڻ اثر پوي ٿو. ڀاڻ جي غلط وقت يا گهٽي مقدار جي استعمال سان وونئڻ قد گهڻو ڪن ٿا ۽ منجهن گل ۽ گوگڙن جو تعداد به گهٽ ٿئي ٿو. پر جيڪڏهن ڪيميائي ڀاڻ جو گهربل مقدار صحيح وقت تي ڏبو ته فصل جون ضرورتون پوريون ٿينديون. ٻوٽن کي خوراڪي جزا مهيا ٿيندا. جنهن سان گل ڀاتي ۾ ڇاڻو گهٽ ٿيندو. پر جيڪڏهن ڪيميائي ڀاڻ جو استعمال گهٽي مقدار ۾ ڪبو ته ان سان گل ڀاتي دير سان به ٺهندي ۽ ڇاڻي ٿيڻ جا امڪان به وڌي ويندا.

**پاڻي:** گل ڀاتي واري وقت پاڻي جي ضرورت کي وونئڻن جي فصل لاءِ اهم تصور ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته موسمي حالتن جي پيش نظر گرمي جي درجي حرارت ۾ اضافو رهي ٿو ۽ تيز ۽ گرم هوا سبب زمين مان سيڪ (Moisture) جلد ختم ٿي وڃي ٿو. اهڙن حالتن ۾ فصل کي پاڻي نه ڏنو ويو ته ٻوٽن ۾ سوڪهڙو شروع ٿيندو. پاڙ وسيلي خوراڪي جزا ٻوٽي کي گهٽ مقدار ۾ مهيا ٿيندا, جنهن سان ٻوٽي جي نشونما رڪجي ويندي, ٻوٽو پنن ذريعي پاڻيءَ جو مقدار گهڻو خارج ڪندو ۽ نتيجاً گل ڀاتي وارو عمل متاثر ٿي ڇاڻي جي شڪل اختيار ڪندو. ان لاءِ ضروري آهي ته وونئڻن جي فصل کي گل ڀاتي وقت هلڪو مگر جلد پاڻي ڏجي, جنهن سان ٻوٽن ۾ سگهه پيدا ٿيندي ۽ گل ڀاتيءَ جو ڇاڻو به گهٽ ٿيندو.

تحقيق ۽ تجربن مان اهو ثابت ٿيو آهي ته گل ڀاتي وقت پاڻيءَ جي کوٽ سان هڪ اندازي موجب 10 کان 15 سيڪڙو پيداوار ۾ گهٽتائي اچي ٿي. جنهن جو ڪارڻ گل ڀاتيءَ جو ڇاڻو تصور ڪيو ٿو وڃي. ان ڪري ڪوشش ڪجي, گل ڀاتي وقت فصل کي پاڻي جي کوٽ ٿيڻ نه ڏجي.

**جيت ۽ ڪينئان:** وونئڻن تي جيتن ۽ ڪينئن جو حملو ڦوٽهڙي کان وٺي چونڊي تائين, مختلف صورتن ۾ ٿئي ٿو. جنهن سان ٻوٽي جا حصا جيتن ۽ ڪينئن جي حملي سبب متاثر ٿين ٿا. گل ڀاتي انتهائي اهم ۽ نازڪ حصو آهي جيڪڏهن هن تي جيتن جو گهڻو حملو آهي ته ان ۾ ڇاڻو ٿيڻ جا امڪان وڌي وڃن ٿا. پر جيڪڏهن جيتن ۽ ڪينئن کي مناسب وقت ۽ مناسب ڪيل دوائن جي ڦوهاري ڪرڻ سان روڪيو ويو ته ان سان گل ڀاتي جو ڇاڻو به گهٽ ٿيندو. جنهن سان پڻ پيداوار تي ڪافي اثر پوندو

موسمي تبديليون: گل ڀاتي وقت زوردار هوا يا تيز برسات سبب به گل ڀاتي ۾ ڇاڻو ٿي سگهي ٿو. ان صورت ۾ بچاءَ جو واحد رستو علائقي وار سفارش ڪيل جنسن جي مناداتي پوک وسيلي ٿي آهي. مناداتي پوک ڪرڻ سان فصل تي موسمي تبديلي جو گهٽ اثر ٿيندو ۽ سفارش ڪيل جنس ۾ اها سگهه رهي ٿي ته هو ان ماحول کي قبول ڪندي گل ڀاتي ۾ ڇاڻي جي حد کي ڪافي حد تائين بچائين.

# بصرن جي نفعي واري پوک

**آبهوا ۽ زمين:** سنڌ جي خاص ڪري ڏاکڻي علائقي جي آبهوا بصرن پوکڻ لاءِ گهڻي موزون آهي. گرمي جو درجو 15 کان 25 گرمي پد تائين ۽ هوا جي گهم جي 60 کان 75 سيڪڙو موجودگي ۽ گهٽ برسات بصرن جي واڌ ويجهه لاءِ فائديمند آهن. وچولي کان گريون ۽ ڪنهن قدر پڪيون زمينون پڻ بصرن جي پوک لاءِ نهايت ئي موزون آهن. سم ۽ ڪلر وارين زمينن ۾ بصر ڪاميابيءَ سان نه پوکي سگهبو.

**جنسون:**

**1. ڦلڪارا:** هي جنس ڏاکڻي سنڌ وڏي ڪاميابيءَ سان پوکي ويندي آهي. هن جي پيداوار به تمام سٺي لهندي آهي. بصر جي گنڊ (45 کان 65 ملي ميٽر) ٿيندي آهي. هي جنس گول شڪل جي ٿيندي آهي ۽ پتو گوڙهو ٿيندو آهي. هن جنس کي عام حالتن ۾ تقريباً 3 کان 4 مهينا آسانيءَ سان رکي سگهجي ٿو.

**2. ٽاٽو بولا خان:** ٽاٽو بولا خان جي جابلو علائقن ۾ وڏي پيماني تي پوکي وڃي ٿي. هي جنس آڳاٽي هئڻ ڪري مارڪيٽ ۾ آڪٽوبر ۽ نومبر مهينن ۾ جڏهن بصرن جي کوٽ هوندي آهي ته پوراءُ به ڪندي آهي ۽ سٺو اگهه به ڏيندي آهي. هي جنس اڪثر ڪري اسٽور ڪرڻ سان خراب نه ٿيندي آهي.

**3. گهوٽڪي:** هي جنس سکر، گهوٽڪي ۽ پنو عاقل وارن علائقن ۾ ڪاميابيءَ سان پوکي وڃي ٿي. هي جنس فيبروري ۽ مارچ مهيني ۾ پوکبي آهي ۽ مئي ۽ جون جي مهينن ۾ تيار هوندي آهي. هن جنس کي پنجاب ۽ سنڌ ۾ وڪرو ڪبو آهي.

**4. ديسي:** هي جنس پاڇاتي هئڻ ڪري مارچ ۽ اپريل ۾ ٿرپارڪر ۽ بدين جي ضلعن ۾ پوکي ويندي آهي. هي جنس سائي پاڄي طور ڪم ايندي آهي ۽ مقامي مارڪيٽ ۾ پوراءُ ڪندي آهي.

**ٻج جو مقدار:** ڪڻ ڏيڍ کان 2 ڪلوگرام في ايڪڙ.

**ٻيجارو تيار ڪرڻ:** ٻيجاري تيار ڪرڻ لاءِ ٻارين 4x6 فوٽ جون هجڻ گهرجن. هر ٻاري ۾ اڌ پاءُ يا 125 گرام ٻج گهرجي ته ٻج کي 4 کان 12 ڪلاڪن تائين پاڻي ۾ ڀُسائي پوءِ ٻارين ۾ پوکڻ گهرجي.

ٻج پوکڻ کان اڳ ۾ ڪاٻه ڦنگي مار دوا جهڙوڪ ٻينيليٽ يا وائٽا ويڪس 5 گرام في ڪلوگرام جي حساب سان ملائجي ۽ پوءِ ٻج کي ٻارين ۾ پوکجي. ٻارين کي هميشه ڪنهن مٿانهين سطح تي تيار ڪري، ان ۾ ڪک پن وجهي ساڙجن ته جيئن زمين اندر جيت يا جراثيم هجن ته سڙي ناس ٿي وڃن. ٻارين کي پهرئين پاڻي ڏجي، جذب ڪرڻ کان پوءِ ٻج ڇٽجي. ٻئي ڏينهن ان ٻاري مٿان واري جي هلڪي چنڊ ڪجي ته جيئن ٻاري گرمي جي ڪري خشڪ نه ٿئي ۽ مٿان ڪک ڪانا رکيا وڃن ته جيئن گرمي پد گهٽجي. ٻيجاري کي ٻن ٽن پنن جي ٿيڻ تائين هر هفتي پاڻي ڏجي ۽ 15 ڏينهن گذرڻ کان پوءِ هڪ مٺ يا 50 کان 20 گرام يوريا هر هفتي ٻاري ۾ ڏجي.

ٻارين اندر گندگاهه هٿن سان صاف ڪجي. 35 کان 45 ڏينهن ۾ ٻيجارو رونبي لاءِ تيار ٿئي ٿو. ٻيجاري کي رونبي ڪرڻ لاءِ پهريان ٻارين کي پاڻي ڏجي ۽ پوءِ ٻيجارو ڪڍجي. ٻنپهرن يا صبح جي وقت رونبو ڪرڻ سان ٻنپهرن جي گرمي ڪري سلا سڙي وڃڻ جا امڪان هوندا آهن، انهيءَ ڪري رونبو پ شام جي وقت ڪرڻ گهرجي.

**زمين جي تياري:** زمين ۾ 4 گوبل جا هر ڏئي انهيءَ کان پوءِ ڪيڻ گهمائي سنوت ۾ آڻڻ گهرجي. انهيءَ کان پوءِ 4 ٽرڪون يا 40 ڏيگي گاڏيون وٿاڻ جو پاڻ جيڪو گريل سڙيل هجي، اهو استعمال ڪرڻ گهرجي.

**ڪريا بندي:** ڪريا 2.5 فوٽن جي مفاصلي تي ناهڻ گهرجن ۽ 20 فوٽن جي فاصلي تي پاڻي جي نالي ناهڻ لازمي آهي، جنهن سان پاڻي ڪرين ۾ صحيح طريقي سان ڏيئي سگهجي ۽ ڪريا هڪ فوٽ ويڪرا هئڻ گهرجن.

**رونبو:** سڀ کان پهريان ڪرين ۾ پاڻي ڏيڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ رونبو ڪرين تي مٿئين سطح واري پاڻي پهچڻ تي 2.5 کان 3 انچن جي مفاصلي تي ڪرڻ گهرجي. رونبي ڪرڻ وقت احتياط ڪجي ته جيئن ٻيجاري جا چوٽي وارا پن نه پٽجن. احتياط نه ڪرڻ سان ڦوٽهڙو گهٽ ٿيندو.

**پاڻي:** فصل پوکڻ کان پوءِ 3 پاڻي هر هفتي ڏيڻ گهرجن ۽ باقي پاڻي 10 ڏينهن جي وقفي سان ڪل 8 کان 9 دفعا ڏيڻ گهرجن. فصل جي تيار ٿيڻ کان 30 ڏينهن اڳ ۾ پاڻي بند ڪرڻ گهرجي.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڪريا ناهڻ کان اڳ چار ٻورين سنگل سپر فاسفيٽ جون، ٻه ٻورين سلفيٽ آف پوٽاش جون، في ايڪڙ جي حساب سان استعمال ڪجن. رونبي کان 15 ڏينهن بعد يوريا جي هڪ ٻوري رونبي کان ڏيڍ مهينو بعد ۽ ٻي ٻوري رونبي کان ٽي مهينا بعد ڏجي. (مختلف زمينن لاءِ مختلف ڀاڻ ۽ مقدار سفارش ڪيل آهن. ۽ ٽين ٻوري رونبي کان ٽي مهينا بعد ڏيڻ گهرجي.

**پوکيءَ جو وقت:** آڳاٽي فصل لاءِ ٻيجارو جولاءِ کان آگسٽ تائين لڳائجي ۽ رونبو آگسٽ کان سيپٽمبر ۾ ڪجي ۽ پاڇاتي پوکي جنوري تائين ڪري سگهجي ٿي.

# زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ جون سرگرميون

زرعي توسيع حيدرآباد، ميرپور خاص ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزنن ۾ زرعي توسيعي عملي پاران خريف جي فصلن، پاڄين ۽ ميوون بابت آبادگارن کي سنڌن زمينن تي وڃي سکيا ڏني ۽ عورتن کي گهريلو واڙيءَ بابت ڄاڻ ڏيندي.












# زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ جون سرگرميون

ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع جناب منير احمد جماڻي سنڌ اندر ڪيميائي ڀاڻ جي موجودگيءَ ۽ اگھ بابت زرعي توسيع سنڌ جي ڊويزنل ڊائريڪٽرن، ايڊيشنل ڊائريڪٽرن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽرن سان آن لائن گڏجاڻي ڪندي





آءِ سي ٽي زرعي توسيعي خدمتن جي مرڪز حيدرآباد طرفان سنڌ جي آبادگار تنظيمن جي نمائندن کي پنهنجي ڪارڪردگيءَ بابت ڄاڻ ڏيندي

# تماٽي جي پوک

**زمين جي تياري ۽ سنوت جا فائدا:**
زمين جي سٺي نموني تياري لاءِ 2 کان 3 ھر ڏئي پوءِ ڪيڙ وسيلي زمين کي سنوت ۾ آڻجي. تماٽي جي فصل لاءِ چيڪي لٽياسي زمين جنھن ۾ پاڻي جي نيڪال واري خاصيت موجود ھجي. تماٽي جو فصل خشڪ سالي گھٽي گرمي يا سردي برداشت ڪري نہ سگھندو آھي. تنھن ڪري بھتر پيداوار حاصل ڪرڻ جي لاءِ زمين جي سنوت لازمي آھي. جيئن اسان بھتر پيداوار حاصل ڪري سگھون.

**پوکيءَ جو وقت:**

| آڳاٽو فصل | وچولو فصل | پاڇاٽو فصل |
|---|---|---|
| پيجارو: جون کان جولاءِ<br>رونبو: جولاءِ کان آگسٽ | پيجارو: آگسٽ کان سيپٽمبر<br>رونبو: سيپٽمبر کان آڪٽوبر | پيجارو: ڊسمبر<br>رونبو: فيبروري جي پئي ھفتي تائين |

**پيجاري جي تياري:** پيجاري تيار ڪرڻ لاءِ پھرين زمين کي ڪوڏر سان گڏ ڪري تيار ڪجي ۽ پوءِ پتر پيجي چار کان ڇھ فوٽ چورس پاريون ناھجن. جيڪي زمين جي سطح کان مٿي ھئڻ گھرجن. پاڻ ڏئي پوءِ پارين ۾ ھٿ سان ٻج ڇٽي مٿان مٽي جو سنھو تھ ڏجي. پارين کي سڪل ککن سان ڍڪي ڦوھاري وسيلي پاڻي ڏجي ۽ ٻج ڄمڻ کان پوءِ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي.

**ٻج جو مقدار:** 200 کان 300 گرام في ايڪڙ.

**پاڻ جو استعمال:** وٿاڻ جو پاڻ بہ ٽرڪون يا 40 کان 50 ڊيگي گاڏيون في ايڪڙ جي حساب سان زمين کي ڏجن پوءِ پاڻي ڏجي تہ جيئن پاڻ جي گرمي ختم ٿي وڃي. ڪيميائي پاڻ ۾ ھڪ کان ڏيڍ بوري ڊي اي پي ڪرين ناھڻ وقت ۽ يوريا 2 کان 3 بورين ھڪ بوري گڏ ڪرڻ وقت، ٻي بوري گل نڪرڻ وقت ۽ ٽين مال جھلڻ وقت ڏجي.

**گڏ، مٽي چاڙھڻ ۽ گندگاھ کان بچاءَ:** تماٽي جي فصل کي گندگاھ کان آجو ڪرڻ لاءِ 3 کان 4 گڏون ڪيڻ گھرجن. گڏ ڪيڻ وقت ٻوٽن جي پاڙن تي مٽي بہ چاڙھجي ۽ ٻوٽن جو لاڙو پٽڙين طرف ھجي تہ جيئن ميوو زيان نہ ٿئي. تماٽي جي فصل لاءِ سيني فصلن وانگر گندگاھ وڏو نقصانڪار آھي. ان ڪري گڏ وسيلي گندگاھ کي ختم ڪجي تہ جيئن وقت سر سٺي پيداوار حاصل ٿئي.

**تماٽي جي پٽائي:** ميوو جڏھن سائي پيلاڻ مائل يا ڳاڙھو سرو ٿئي تہ ان وقت پٽائي ڪجي. پر اھو ذھن ۾ رکڻ گھرجي تہ پٽائي وقت ٻئي ٻوٽي کي نقصان نہ ٿئي. ميوي کي ھر ٽئين ڏينھن پٽبو رھجي ۽ پٽائي واري ڏينھن ئي ڪريٽن ۾ بند ڪري ويجھي مارڪيٽ ۾ اماڻيو وڃي تہ جيئن ميوو خراب ٿيڻ کان بچي وڃي ۽ آبادگارن کي فائدو ٿئي.

# سورج مُکي

سورج مُکي ھڪ اھم تيلي ٻج آھي. دنيا ۾ 3 نمبر تي تيل ڏيندڙ ٻج آھي. ڪڪڙن ۽ سرنھن کانپوءِ سورج مُکي جو حصو 11 سيڪڙو آھي. جڏھن تہ پاڪستان پنھنجي گھرج جو 18 سيڪڙو کاڌرو تيل پاڻ پيدا ڪري ٿو ۽ باقي کاڌرو تيل جي گھرج ٻاھرين ملڪن مان گھرائي پوري ڪري ٿو. اسان سٺي محنت ڪندي جديد زرعي ٽيڪنالاجي کي ڪتب آڻي کاڌرو تيل جي پيداوار وڌائي سگھون ٿا.

سورج مُکي جو تيل انسان جي صحت لاءِ بھترين سمجھيو وڃي ٿو ان ۾ وٽامن A, B, K اوميگا شامل آھن. ھڪ ڪلو سورج مُکي جي ٻج مان اسان 715 ملي لٽر تيل حاصل ڪري سگھون ٿا. سٺين حالتن ۾ ھن وقت دنيا ۾ يوڪرين سڀ کان وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ملڪ آھي. صوبي سنڌ ۾ بہ گھڻي ايراضي تي سورج مُکي جي پوک ڪئي وڃي ٿي. سورج مکي جلد بچي تيار ٿيندڙ فصل آھي. ھن کي سال ۾ بہ دفعا پوکي سھجي ٿو.

ھڪ بھار واري مُند ۾ جنوري کان 15 فيبروري تائين ۽ ٻئي پوکي سرءُ واري 15 آگسٽ کان سيپٽمبر تائين. سورج مُکي جون اسان وٽ ٻن قسمن جون جنسون موجود آھن. ھڪڙيون ديسي ۽ ٻيون بہ سريون. ھتي عرض ھي آھي تہ ٻج ھميشہ ڪنھن تصديق ٿيل اداري کان وٺڻ گھرجي.

**نقصانڪار جيت، بيماريون ۽ ان کان بچاءَ:** اڃي مک، ٽرڙو سائو مھلو جوڻن ۽ ميوي جو ڪينئون وغيره حملي آور جيت آھن. ان کان علاوہ ٻيجي جو ساڙ بيڪٽيريائي ساڙ ۽ وائرس وغيره جي بيمارين جو حملو پڻ ٿئي ٿو. ان کان بچاءَ لاءِ ضروري آھي تہ ھفتي ۾ بہ ڀيرا فصل جي سٺي نموني سارسنڀال ڪجي. جڏھن ڪنھن بيمار يا جيت جو حملو ٿئي تہ ھڪدم ويجھي زرعي ماھر سان رابطو ڪري فصل جو معائنو ڪرائجي تہ جيئن وقت سر ان جو تدارڪ ٿئي ۽ ميوو گھٽي نقصان کان بچي وڃي.

# ماش جي دال

بشارت قريشي، زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

اسان کي پنهنجي جسماني واڌويجهه لاءِ پروٽين جي ضرورت پوي ٿي ۽ جسماني واڌ ويجهه لاءِ متوازن غذا جو هجڻ ضروري آهي. هن مهنگائي جي دور ۾ گوشت مان پروٽين حاصل ڪرڻ عام ماڻهو لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي . الله تبارڪ و تعاليٰ پروٽين حاصل ڪرڻ جو ٻيو ذريعو دالين واپرائڻ ۾ رکيو آهي. ماش جي دال پروٽين جو اهم ذريعو آهي. ماش دال جي 100 گرامن کي واپرائڻ سان 341 ڪليريز حاصل ٿين ٿيون جن مان 26 گرام پروٽين آهي.

ماش انساني دل، جيري، گردن جي ڪارڪردگي کي بهتر ڪري ٿي چاڪاڻ جو ان ۾ ميگنيشم، پوٽاشم، ٿاندورا، بي ڪامپليڪس، فولاد، جست ۽ فاسفورس سٺي مقدار ۾ موجود آهن ان جي واپرائڻ سان انسان صحت تي سٺا اثر ٿين ٿا. ها پر ان سان گڏ جن ماڻهن کي يوريڪ ايسڊ جو مسئلو آهي اهي هن دال کي گهٽو نه واپرائن. هتي اسان جي آبادگارن کي گذارش آهي ته اهي دالين وارن فصلن جي پوکيءَ ڏانهن خصوصي توجهه ڏين چاڪاڻ جو دالين وارن فصلن جي پوکي سان زمين جي پيداواري سگهه ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ زمين ۾ نائٽروجن جو مقدار وڌي ٿو. زمين جي ساخت بهتر ٿئي ٿي.

## زمين جي تياري:

ماش جي دال نهري ۽ باراني علائقن ۾ ڪاميابي سان پوکي سگهجي ٿي زمين ۾ ٻه يا ٽي سڪي جا هر ڏئي پتر پڇي ريج ڪجي جڏهن زمين هر ڏيڻ لائق يا وٽ ۾ اچي ته هڪ ٻه هر ڏئي سانهر گهمائي زمين کي پوکي لاءِ هموار ڪجي.

## پوکيءَ جو وقت:

جون کان جولاءِ جي آخر تائين.

## پوکيءَ جو طريقو:

ناڙي يا قطارن ۾ ڪجي ۽ قطار جي وچ ۾ مفاصلو 30 سينٽي ميٽر رکجي ۽ ٻوٽن جي وچ جو مفاصلو 10 سينٽي ميٽر هجڻ گهرجي.

## ٻج جو مقدار:

6 کان 8 ڪلوفي ايڪڙ

## پاڻي ڏيڻ:

ماش جي فصل لاءِ ٽي کان چار پاڻي ڪافي آهن. پهريون پاڻي پوکيءَ کان ٽن هفتن بعد ۽ ٻيون پاڻي گل ٻاٽي وقت ۽ ٽيون پاڻي ڦرين نهڻ وقت ڏيڻ گهرجي. هي فصل بنيادي طور باراني علائقن ۾ پوکيو ويجي ٿو. پر جيڪڏهن آبپاشيءَ جو پاڻي موجود آهي ته ٽي پاڻي ڏيڻ گهرجن.

## ڀاڻ ڏيڻ:

ماش جي فصل کي نائٽروجن ڀاڻ جي ضرورت گهٽ پوي ٿي. جڏهن ته فاسفورس واري ڀاڻ جي استعمال سان پيداوار ۾ اضافو اچي ٿو ۽ فصل جلد پچي ويجي ٿو. ان ڪري ماش جي فصل لاءِ 10 ڪلوگرام نائٽروجن ۽ 25 ڪلوگرام فاسفورس في ايڪڙ استعمال ڪجي يا ماش لاءِ هڪ ٻوري ڊي اي پي پوکيءَ وقت ۽ آخري هر سان ملائي پوکي ڪجي.

## گندگاهه ڪڍڻ:

ماش جي فصل ۾ گندگاهه تمام گهڻو نقصان رسائين ٿا جنهن ڪري انهن کي ختم ڪرڻ لازمي آهي. فصل مان گندگاهه ڀاڙٿون ڪيڍڻ گهرجن. جيڪڏهن گندگاهه وقت سر نه ڪڍيو ويو ته فصل جي خوراڪ کٽندو ۽ فصل پيداوار گهٽ ڏيندو.

## لاباروءِ ڳاهه:

جڏهن فصل ۾ 80 کان 90 سيڪڙو ڦريون پڪل نظر اچن ۽ ڦرين جو رنگ سائين مان ڪارو يا ڀورو ڏسڻ ۾ اچي ته هڪدم لابارو ڪرڻ گهرجي. ڇو ته پڪل فصل جو لابارو جلد نه ڪبو ته فصل ڇڻڻ شروع ڪندو ۽ پيداوار گهٽ لهندي.

لاباري بعد فصل کي اُس ۾ سڪائي ڳاهه ڳاهڻ گهرجي ۽ اَنَ يا ٻج جي صفائي بعد وڪرو ڪجي يا ذخيرو ڪيو وڃي. هي فصل 70 کان 85 ڏينهن ۾ تيار ٿي وڃي ٿو. جيڪو مختلف جنسن ۾ مختلف آهي.

# خريف جي ڀاڄين جون فصلوار سفارشون

## مرچ (Chillies)

**پوکيءَ جو وقت:** ڀيجارو تيار ڪرڻ: فيبروري، مارچ ۽ جون جولاءِ.

**جنسون:** لونگي، تال، ڊوارف، نگينه، صنم ۽ هائبرڊ.

رونبو: مارچ اپريل ۽ جولاءِ آگسٽ

**ٻج جو مقدار:** اڌ ڪلو في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ڪريا پوک.

**مفاصلو:** ڪريي کان ڪريي جو مفاصلو 3 فوٽ ۽ ٻوٽن جو مفاصلو 6 کان 9 انچ.

**وٿاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي اي پي ڏيڍ کان 2 ٻورين يوريا اڌ ٻوري ۽ ايس او پي هڪ ٻوري يا زرخيز (8:23:18) جون 3 ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت، اڌ ٻوري يوريا گل نڪرڻ تي، اڌ ٻوري يوريا ڦرين نڪرڻ تي ۽ پوءِ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ هر ٻن چونڊن بعد ڏجي.

**پاڻي:** هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي.

**پيداوار:** سڪل مرچ 30 کان 35 مڻ ۽ ساوا مرچ 100 کان 125 مڻ في ايڪڙ.

## واڱڻ (Brinjal)

**پوکيءَ جو وقت:** ڏکڻين جنسن جو ڀيجارو فيبروريءَ ۾ ۽ رونبو اپريل ۾ ڪجي ۽ گول جنسن جو ڀيجارو مئي جون ۽ رونبو جولاءِ آگسٽ ۾ ڪجي.

**ٻج جو مقدار:** 300 کان 500 گرام في ايڪڙ ڀيجاري لاءِ.

**پوکيءَ جو طريقو:** ڪريا.

**مفاصلو:** ڪرين جو مفاصلو 3 فوٽ ۽ ٻوٽن جو مفاصلو 2 فوٽ رکجي.

**وٿاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي اي پي ڏيڍ کان 2 ٻورين، يوريا اڌ ٻوري ۽ ايس او پي هڪ ٻوري يا 3 ٻورين زرخيز (8:23:18) پوکيءَ وقت ۽ باقي سوا ٻوري يوريا گل نڪرڻ تي ۽ سوا ٻوري يوريا مال لڳڻ تي ڏجي.

**پاڻي:** ڀريون پاڻي ٽئين چوٿين ڏينهن ۽ بعد ۾ موسم ۽ فصل جي حالت ڪي نظر ۾ رکندي 8 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان ڏيڻ گهرجي.

## گوار (Cluster bean)

**پوکيءَ جو ووقت:** فيبروري کان مارچ ۽ جولاءِ کان آگسٽ.

**ٻج جو مقدار:** 2 کان 3 ڪلوگرام في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** ناڙيءَ ۽ ڪريا.

**مفاصلو:** قطار کان قطار ۽ ڪرئي کان ڪرئي جو مفاصلو 3 فوٽ.

**وٿاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي اي پي هڪ کان 2 ٻورين، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري يا زرخيز (8:23:18) جون 3 ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي هڪ ٻوري يوريا ٻه دفعا پندرهين پندرهين ڏينهن ڏجي.

**پاڻي:** 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي.

## ميها (Indian Squash)

**پوکيءَ جو ووقت:** فيبروري کان مارچ ۽ جولاءِ کان آگسٽ

**ٻج جو مقدار:** ڏيڍ کان اڍائي ڪلو گرام في ايڪڙ ڏجي. ٻج کي پوکڻ کان پهرين 24 ڪلاڪ ڀُسائي پوءِ پوکڻ گهرجي.

**پوکيءَ جو طريقو:** ويڪرن ڪرين (ٻنن) تي ڪجي جنهن لاءِ 4 کان 6 فوٽ ويڪرا ڪريا (ٻنا) تيار ڪجن ۽ ٻوٽن جو مفاصلو ڏيڍ کان 2 فوٽ رکجي.

**وٿاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ :** ڏيڍ ٻوري ڊي اي پي، اڌ ٻوري يوريا ۽ هڪ ٻوري ايس او پي يا 3 ٻورين زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي اڌ ٻوري يوريا گلن اچڻ تي ۽ باقي اڌ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ هر ٽن کان چئن چونڊن بعد ضرورت مطابق ڏبو رهجي.

**پاڻي:** هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي.

## ڪريلا (Bitter gourd)

**پوکيءَ جو ووقت:** فيبروري کان مارچ ۽ جون کان جولاءِ

**ٻج جو مقدار:** 3 کان ساڍا 3 ڪلو گرام في ايڪڙ ڏجي.

**پوکيءَ جو طريقو:** ويڪرن ڪرين (ٻنن) تي ڪجي جنهن لاءِ مفاصلو هڪ کان ڏيڍ فوٽ رکجي.

**وٽاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ :** ڊي اي پي هڪ کان ڏيڍ بوري يوريا اڌ بوري ۽ ايس او پي هڪ بوري يا 3 بورين زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي هڪ بوري يوريا گل اچڻ تي ۽ هڪ بوري يوريا هر ٽن چونڊن بعد ڏيڻ گهرجي.

**پاڻي:** هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي.

**ديسي توري** (Ridged gourd)

**گيها توري** (Luffa gourd)

**پوکيءَ جو وقت:** فيبروري کان مارچ ۽ جون کان جولاءِ

**ٻج جو مقدار:** ـہ کان اڍائي ڪلو گرام في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي.

**پوکيءَ جو طريقو:** 6کان 8 فوٽن جا ويڪرا ڪريا (ٻنن) تيار ڪري ٻوٽن جو مفاصلو 2 فوٽ رکجي.

**وٽاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ :** ڊي اي پي ڏيڍ بوري، ايس او پي هڪ بوري ۽ اڌ بوري يوريا في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي اڌ بوري يوريا گل اچڻ تي ڏجي ۽ بعد ۾ يوريا هر ٻن کان ٽن چونڊن بعدضرورت مطابق ڏيڻ گهرجي.

**پاڻي:** هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي

**ڪدو** (Bottle gourd)

**پوکيءَ جو وقت:** فيبروري کان مارچ ۽ جون کان جولاءِ

**ٻج جو مقدار:** 2 کان ½ 2 ڪلوگرام في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ويڪرن ڪرين (ٻنن) تي.

**مفاصلو:** ڪرين جو مفاصلو 8 کان 12 فوٽ ۽ ٻوٽن جو مفاصلو 2 فوٽ.

**وٽاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ :** ڊي اي پي ڏيڍ بوري کان ـہ بورين، يوريا اڌ بوري ۽ ايس او پي هڪ بوري في ايڪڙ پوکيءَ وقت باقي هڪ بوري يوريا گلن نڪرڻ وقت ۽ ميوو نهڻ وقت ڏيڻ گهرجي

**پاڻي:** هفتي هفتي جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي

**گدرو** (Musk melon)

**پوکيءَ جو وقت:** جنوري کان فيبروري ۽ جون کان جولاءِ

**ٻج جو مقدار:** 2 ڪلو گرام في ايڪڙ ڏجي.

**پوکيءَ جو طريقو:** ويڪرن ڪرين (ٻنن) تي.

**مفاصلو:** 6 فوٽ ويڪرا ڪريا (ٻنا) ۽ ٻوٽن جو مفاصلو ڏيڍ کان ـہ فوٽ.

**وٽاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ :** ڊي اي پي هڪ کان ـہ بورين، يوريا هڪ بوري ۽ پوٽاش هڪ بوري يا 3 بورين زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت باقي هڪ بوري يوريا ـہ دفعا پندرهين پندرهين ڏينهن ڏجي.

**پاڻي:** 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان ڏجي.

**چانهيون** (Water melon)

**پوکيءَ جو وقت:** فيبروري کان جولاءِ

**ٻج جو مقدار:** 2 ڪلوگرام في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ويڪرن ڪرين (ٻنن) تي.

**مفاصلو:** 6 فوٽ ويڪرا ڪريا (ٻنا) ۽ ٻوٽن جو مفاصلو ڏيڍ کان 2 فوٽ.

**وٽاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي اي پي هڪ کان ـہ بورين، يوريا هڪ بوري ۽ پوٽاش هڪ بوري يا 3 بورين زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت باقي هڪ بوري يوريا ـہ دفعا پندرهين پندرهين ڏينهن ڏجي.

**پاڻي:** 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي.

**ڪيرا** (Cucumber)

**پوکيءَ جو وقت:** فيبروريءَ کان مارچ ۽ جون کان جولاءِ.

**ٻج جو مقدار:** 2 ڪلوگرام في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** ڪريا (ٻنن) تي.

**مفاصلو:** ڪرين جو مفاصلو 2 کان ½ 2 ميٽر ۽ ٻوٽن جو مفاصلو هڪ فوٽ.

**وٽاڻ جو ڀاڻ:** زمين جي تياري وقت 2 کان 3 ٽرڪون هڪ سال پراڻو.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي اي پي ڏيڍ بوري، يوريا اڌ بوري ۽ ايس او پي هڪ بوري يا 3 بورين زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ هڪ بوري يوريا گل نڪرڻ تي ۽ باقي يوريا ٻُني ٻُني بوري هر چونڊيءَ بعد ڏجي.

**پاڻي:** هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي.

# فصلن کي پاڻي ڏيڻ جا روايتي طريقا ۽ پاڻي جي صحيح استعمال لاءِ صلاحون

تحرير: ابرار احمد مجيد اٽو

پاڻي جي صحيح ورڇ هڪ اهم بنيادي مسئلو آهي. مُنڍ وارن آبادگارن کي وڏيڪ پاڻي ملي ٿو ۽ پڇڙي وارن آبادگارن کي گهٽ پاڻي ملي ٿو. ٻنهي صورتن ۾ آبادگار فصلن کي پاڻي ڏيڻ ۾ غلطي ڪندا آهن. جيئن ته مُنڍ وارن آبادگارن کي گهڻو پاڻي ميسر هوندو آهي. انهيءَ ڪري اهي فصل کي گهڻو پاڻي ڏئي ڇڏيندا آهن. جڏهن ته فصل کي گهربل مقدار ۾ پورو پنو پاڻي ڏيڻ گهرجي. انهي سان گڏ فصل جي حساس مرحلن کي نظر ۾ رکي پاڻي ڏيڻ جو بندوبست ڪجي. اهڙي طرح پڇڙي وارن آبادگارن کي پاڻي گهٽ ملندو آهي. پوءِ جڏهن وارو ايندو آهي ته اهي فصلن کي ضرورت مطابق پاڻي ڏيڻ بجاءِ فصل کي پاڻي سان پري ڇڏيندا آهن. انهن جي سوچ اها هوندي آهي ته وري جڏهن ڪين وارو ملي. ڪن حالتن ۾ پنهنجا فصل بچائڻ لاءِ سندن مجبوري هوندي آهي. پر اڪثر ڪري جيڪو پاڻي ملي ٿو ان سان فصل کي پريندا آهن.

## فصلن کي چورس ٻارن وارو طريقو:

هي طريقو عام طور تي اڪثر آبادگارن وٽ رائج آهي. هن طريقي موجب هڪ ايڪڙ ۾ چئن ٻارن کي اڪثر ڪري ٻاري ڪان ٻاري پرائڻ وارو طريقو موجود آهي. جڏهن هڪ ٻارو پاڻي سان پرجي ويندو آهي ته پوءِ ڪنڌي هٽي ٻئي ٻاري کي پريو ويندو آهي. انهي سان هڪ ته پاڻي صحيح طريقي سان نٿو پرجي. هڪڙي ٻاري کي وڏيڪ پاڻي ملي ٿو ته ٻئي کي وري گهٽ. اهڙي طرح پاڻي جي صحيح ورڇ نٿي ٿئي. ٻيو ته هڪ ٻاري کان ٻئي ٻاري کي پرڻ مان بيمارين توڙي خوراڪي جزن جو وهڪرو ٻين ٻارن تائين ڦهلجي ٿو. جنهن سان پڻ مسئلا پيدا ٿين ٿا. انهيءَ سان گڏ هاري اڪثر پاڻي جو بيجا گهڻو استعمال ڪن ٿا. ٻارن کي چڱيءَ طرح پرين ٿا. جڏهن ته هر فصل جي پاڻي جي پنهنجي گهرج آهي، جنهن مطابق پاڻي ڏيڻ گهرجي. انهيءَ سان گڏ ٻارا ننڍا ۽ مستطيل ناهڻ گهرجن. جنهن سان پاڻي جلدي پربو ۽ هڪجهڙو ملندو. انهيءَ کان علاوه ننڍيون اڏون ناهجن ۽ هر هڪ ٻاري کي الڳ الڳ پاڻي ڏجي.

## باغن ۾ ٻارن وسيلي پاڻ ڏيڻ:

اڪثر فصلن ۾ پاڻي ڏيڻ جو ڪو خاص طريقو نه هوندو آهي. باغن ۾ به ٻارن کي پري پاڻي ڏنو ويندو آهي. انهيءَ سان وڻن جي ٿڙن کي نقصان رسي ٿو. اهڙي طرح فصلن ۾ نه چلها هوندا آهن. نه ئي وري پاڻي ڏيڻ لاءِ پٽڙيون ۽ ناليون هونديون آهن. انهيءَ ڪري گهڻي پاڻي ڏيڻ سان باغن ۾ گندگاهه. جيئن ۽ بيمارين جهڙا مسئلا پيدا ٿين ٿا. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته وڻن جي ٿڙن کي مٽي جا دڪا چاڙهجن ۽ آسپاس چلهو کوٽجي. پر اهو خاص خيال رکجي ته چلهي ناهڻ مهل وڻن جي پاڙن کي زخم يا ڪيو ٻيو نقصان نه رسي. جڏهن ته پاڻي ڏيڻ لاءِ الڳ اڏون ۽ ناليون ناهجن.

## ڪچا واٽر ڪورس:

اڪثر ڪچا واٽر ڪورس عام جام آهن. جيڪي آڏا ٽيڙا، ورن وڪڙن وارا هوندا آهن جن ۾ اڪثر ڪري ڊپ، ڇبر ۽ ٻيا مختلف قسمن جا گندگاهه موجود هوندا آهن. جنهن ۾ پاڻي جو وهڪرو صحيح نٿو رهي. ان ۾ رڪاوٽ ٿئي ٿي ۽ پاڻي جو زيان ٿئي ٿو. آبادگارن کي سندن گهربل وقت ۾ پاڻي گهٽ ملي ٿو. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته واٽرڪورس پڪا ڪرائڻ گهرجن. جنهن سان پاڻي جو وهڪرو به سنو ٿيندو. جڏهن ته گندگاهه ۽ ٻين رڪاوٽون نه هٽڻ ڪري پاڻي تيزي سان وهندو ۽ زيان ٿيڻ کان به بچي ويندو.

## زمين جي ناهمواري ۽ کڏا کوٻا:

اڪثر آبادگارن جون زمينون ناهموار هونديون آهن. انهيءَ ڪري زمين هيٺ مٿانهين ۽ کڏا کوبا هوندا آهن. جنهن سان پاڻي زمين ۾ هڪجهڙو نٿو بيهي. ريج ڪانپوءِ زمين هڪجهڙي نٿي پرجي. انهيءَ جي نتيجي ۾ هيٺائين ۾ فصل ٻُڏي سُڪي ۽ مٿانهين ۾ پاڻي نه ملڻ ڪري سُڪي سڙي وڃي ٿو. جنهن سان فصل کي تمام گهڻو نقصان ٿئي ٿو. ان لاءِ زمين جي سنوت ڪرڻ گهرجي. جنهن سان فصل کي هڪجهڙو پاڻي ملندو آهي ۽ پاڻي جي بچت به ٿيندي آهي.

# پاڪستاني زمينن جي pH (ڪارپڊ) وڌيڪ ڇو آهي ۽ ان جو مناسب حل

تحرير: نياز احمد عباسي ريسرچ آفيسر، ڊاڪٽر قاضي محمود علي ڊائريڪٽر ۽ عبدالاحد ڪولاچي سينيئر انجنيئر پي اي آر سي ڪراچي

تعارف: pH (ڪارپڊ) زمينن جي ڪيميائي خاصيتن مان هڪ اهم خاصيت آهي. جنهن جو ٻوٽن جي خوراڪي جزن جي مهيا ٿيڻ واري عمل سان گِهرو تعلق آهي. pH سان زمين جي تيزابيت (Acidity) ۽ اساسيت (alkalinity) کي ماپيو ويندو آهي. pH معلوم ڪرڻ جو اسڪيل يا چارٽ 01 (انتهائي تيزابي) کان 14 (انتهائي اساسي) تائين هوندو آهي. جڏهن ته 07 pH کي نيوٽرل/غير جانبدار يعني نه ڪارپڊ تيزابي نه وري اساسي سمجهيو ويندو آهي. اڪثر ٻوٽن جي بهتري واڌ ويجھ لاءِ 06 کان 7.5 ڪارپڊ ليول يعني نيوٽرل جي آسپاس مناسب ۽ مثالي سمجهي ويندي آهي. جيڪڏهن ڪارپڊ ليول وڌيڪ اساسي (alkaline) هوندي ، جيئن اسان جي ملڪ جون اڪثر زمينون اساسي ڪارپڊ هيٺ آهن ان صورت ۾ اهم خوراڪي جزو فاسفورس ۽ اڪثر ٻيا ننڍڙا خوراڪي جزا ٻوٽن کي گهربل مقدار کان گهٽ مهيا ٿين ٿا. ان جي ٻئي پاسي جيڪي زمينون وڌيڪ تيزابي ڪارپڊ اثر هيٺ آهن اهڙين زمينن ۾ BoTa، اليومينم ۽ مئگنيز جزا گهٽي مقدار ۾ جزب ڪن ٿا جيڪي ٻوٽن کي وڌيڪ جذب ٿيڻ ڪري زهريلو اثر ڇڏين ٿا. جڏهن ته ڪئلشم، فاسفورس ۽ مئگنيشم ٻوٽن کي گهٽ مقدار ۾ مهيا ٿين ٿا.

## pH گهٽ وڌ ٿيڻ جا ڪارڻ:

سڄي دنيا جي ملڪن کي اگر موسم جي حساب سان ورهائجي ته هڪڙا ملڪ اهڙا آهن جتي سڄي سال دوران بارشون تمام گهڻيون وسن ٿيون ۽ ٻيا ملڪ گهٽ بارشن وارا آهن. مغربي ملڪن ۾ سالانه بارشن جي ڪثرت جي ڪري اتان جي زمينن جا مسام (نَارَ) Soil Pores ضرورت کان وڌيڪ کليل هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته بارشن جو پاڻي زمين جي مٿين تهن مان هيٺين تهن ڏانهن گهڻي مقدار ۾ وهندو رهندو آهي. اهڙين زمينن جا مسام/نَارَ بند ناهن هوندا بلڪ ضرورت کان وڌيڪ 100 سيڪڙو کليل هجڻ ڪري ٻوٽن جا خوراڪي جزا ٻوٽن جي پاڙن جي پهچ کان پري هيٺ وهي ويندا آهن. ٻوٽن جي خوراڪي جزن سان گڏوگڏ زمين ۾ موجود نمڪيات خصوصاً چن/چونو (ڪئلشم ڪاربونيٽ) پڻ هيٺين حصن ڏانهن منتقل ٿي هيٺ وڃي سخت چوني جو تهه (calcic horizon) ٺاهيندو آهي. چن (ڪئلشم ڪاربونيٽ) جي حد کان وڌيڪ کوٽ ٿيڻ سبب انهن زمينن جي pH 06 کان به هيٺ ڪري پوندي آهي ۽ اهڙين زمينن جي ڪارپڊ بهتر (وڌائڻ) لاءِ هٿ سان چونو شامل ڪيو ويندو آهي. ان ڪري اهڙن علائقن ۾ جتي بارشون گهڻيون پونديون آهن اتي چن جي کوٽ جي ڪري زمينون تيزابي اثر واريون (Acidic soils) هونديون آهن.

جڏهن ته ان جي مخالف جن ملڪن ۾ سالانه بارشون گهٽ پون ٿيون (جيئن پاڪستان) اتان جي موسم گرمين ۾ گرم خشڪ ۽ سردين ۾ سرد خشڪ رهندي آهي. گهٽ بارشن پوڻ ڪري ۽ گرمي پد وڌيڪ هجڻ ڪري اهڙن علائقن ۾ هوا ۾ گهم جو مقدار پڻ تمام گهٽ هوندو آهي. جنهن ڪري پاڻي زمين جي سطح کان هوا ۾ بخارات جي صورت ۾ تيزيءَ سان اڏامندو رهندو آهي. سطح زمين کان هوا ۾ اڏامندڙ پاڻيءَ جا بخارات هيٺين تهن ۾ موجود پاڻيءَ کي پڻ بخارات ۾ تبديل ٿيڻ ۾ مدد ڪن ٿا. بخارات وارو پاڻي هيٺين تهن ۾ موجود نمڪيات کي پڻ سطح زمين تي جمع ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. پاڻي ته بخارات ٿي هوا ۾ اڏامي وڃي ٿو پر پاڻيءَ سان گڏ مٽي اچڻ وارا لوڻ (ڪئلشم ۽ سوڊيم) بخارات ۾ تبديل ٿي اڏامي نه ٿا سگهن بلڪ زمين جي مٿاڇري تي ۽ ٻوٽن جي پاڙن واري حصي وٽ جمع ٿيندا رهن ٿا. انهن لوڻن جي جمع ٿيڻ ڪري اهڙين زمينن ۾ چونو (ڪئلشم ڪاربونيٽ) ۽ سوڊيم جا لوڻ (خصوصاً سوڊيم ڪاربونيٽ) جي مقدار ۾ لاڳيتو اضافو ٿيندو رهندو آهي. چوني (ڪئلشم ڪاربونيٽ) جي وڌيڪ هجڻ ڪري اهڙين زمينن جي pH 7.0 کان وڌيڪ ٿي ويندي آهي ته اهڙين زمينن کي اساسي اثر واريون زمينون چيو ويندو آهي.

## پاڪستاني زمينن جي ڪارپڊ (pH) جي صورتحال:

جيئن ته اسان جي ملڪ جو گهڻو حصو بلڪل خشڪ ۽ نيم خشڪ موسم تي مشتمل آهي. جڏهن ته ان مان ڪجھ حصا گهميل ۽ نيم گهميل موسم پڻ رکن ٿا. اسان جي ملڪ جي زمينن ۾ قدرتي طور چن جي گهڻي مقدار ۾ موجود هجڻ ۽

هوا ۾ گهم جو مقدار گهٽ هجڻ (خشڪ موسم) به وڏا بنيادي سبب آهن اسان جي ملڪ پاڪستان جي زمينن جي ڪارپڊ ليول اساسي هجڻ جا گرم ۽ خشڪ موسم هجڻ جي ڪري پاڻي بخارات جي صورت ۾ هوا ۾ لڳاتار اڏامندو رهندو آهي جنهن ڪري زير زمين پاڻي پڻ مٿئي سطح تي اچي بخارات جي صورت ۾ اڏامندو رهي ٿو ۽ سطح زمين تي ڪئلشم ۽ سوڊيم جا لوڻ (ڪاربونيٽ) جمع ٿيندا رهن ٿا ۽ زمين کي خراب ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا ۽ پڻ ان سان گڏوگڏ زمين جي ڪارپڊ ليول پڻ وڌائن ٿا. اگر انهن لوڻن ۾ سوڊيم جا لوڻ (سوڊيم ڪاربونيٽ) هوندا ته اهڙين زمينن ۾ ڪارو ڪلر (Sodic soils) ٿهندو. اگر ڪئلشم جا لوڻ (ڪئلشم ڪاربونيٽ) هوندا ته اڇو ڪلر (Saline Soils) ٿهندو. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ بدقسمتيءَ سان اڪثر زمينون ٻنهي لوڻ جي گڏيل قسمن تي مشتمل آهن ۽ اهڙين زمينن جي ڪارپڊ ليول 7.0 کان وڌيڪ يعني اساسي آهي. سوڊيم ۽ ڪئلشم جا اهي مرڪب جن ۾ ڪاربونيٽ موجود هوندا آهن اهي اسان جي زمينن جي ڪارپڊ ليول وڌائڻ جو ڪارڻ آهن. اسان جي ملڪ جي زمينن ۾ چونو (ڪئلشم ڪاربونيٽ) جي مقدار دنيا ڀر جي ملڪن کان هڪ ته وڌيڪ آهي پر ان سان گڏوگڏ مارڪيٽ ۾ موجود ڪجهه ڪيميائي ڀاڻ مثلاً ڪين. ٽي ايس پي ۽ ايس ايس پي وغيره پڻ ڪئلشم حامل آهن جيڪي پڻ ڪارپڊ ليول وڌائڻ جو ڪارڻ آهن. ان کانسواءِ اڪثر ٽيوب ويلن جي پاڻيءَ ۾ به ڪئلشم جا لوڻ ضرورت کان وڌيڪ آهن جيڪي پڻ ڪارپڊ ليول وڌائڻ سان گڏوگڏ ماڻهن جي مثاني ۽ گردي جي پٿرين جو پڻ سبب آهن.

**pH (ڪارپڊ) جي ليول مناسب رکڻ لاءِ تجويزون:**

- نامياتي مادي جي مختلف ذريعن جو استعمال.
- ڪمپوسٽ، سائو ڀاڻ، ورمي ڪمپوسٽ وغيره.
- سلفر ۽ ٻين ذريعن جو استعمال.
- اميونيم سلفيٽ، آئرن سلفيٽ ۽ امونيم سلفيٽ وغيره.
- تيزابي اثر رکندڙ ڪيميائي ڀاڻن جو استعمال.
- اميونيم سلفيٽ، ايم اي پي، ايس ايس پي، ٽي ايس پي ۽ اين پي وغيره.
- جپسم ۽ سلفيورڪ ايسڊ جو استعمال.
- اساسي ڪارپڊ برداشت ڪندڙ ٻوٽا يا فصل لڳائڻ.
- سويابين، لوسڻ ۽ برسيم وغيره.




# هاري دوست جيت

تحرير: فهيم قريشي، سينيئر انسٽرڪٽر زرعي ٽريننگ ادارو سڪرنڊ

آبادگار دوستو اوهان کي چڱي ريت ڄاڻ آهي ته اسان جي فصلن ۾ جيڪي جيت يا ڪينئان نظر اچن ٿا اهي سڀئي اسان لاءِ نقصانڪار نه آهن جيتن جي جيڪڏهن سڃاڻپ ڪجي ته خبر پوندي ته جيت ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪ فائديمند ۽ ٻيا نقصانڪار. رب پاڪ هن دنيا کي متوازن خلقيو آهي. انسان پنهنجي هٿ چراند سان هن جو تواز خراب ڪري رهيو آهي جيئن زرعي زهرن جي جهجهي استعمال ڪرڻ سان اسان جا هاري دوست جيت ختم ٿي رهيا آهن. بظاهر اسان جو آبادگار سمجهي ٿو ته پيداوار ۾ اضافو ٿي رهيو آهي پر جيڪڏهن غور ڪنداسين ته پيداوار ۾ 20 کان 25 سيڪڙو واڌارو ٿيو. ان ۾ به سٺي ٻج، ڪيميائي ڀاڻ، وقت تي پوکي ۽ سٺي سارسنڀال جو به حصو آهي. هاڻي حساب ڪنداسين ته ڪيترو فائدو ٿيو يا اسان پنهنجي صحت ۽ ماحول کي ڪيترو نقصان ڏنو. هي روز وڌندڙ بيماريون انهن جو سڌو يا اڻ سڌو تعلق زرعي زهرن سان آهي اسان روزانو پنهنجي خوراڪ سان گڏوگڏ زرعي زهر به واپرائي رهيا آهيون. اوهان هتي سوچيندا هوندا ته زرعي زهرن جي استعمال سان ته پيداوار ۾ واڌارو ٿئي ٿو ٻيو ڪو حل به ڪونه آهي. دوستو ڏسو ڀاڻ کي زرعي زهر آخري حل طور استعمال ڪرڻ گهرجي چاڪاڻ جو اسان وٽ ٻيا طريقا به آهن جهڙوڪ: ڪلچرل ڪنٽرول، جينياتي ضابطو جنسي ڦندو وارو ضابطو ۽ پوءِ آخر ۾ اچي ٿو ڪيميائي ضابطو.

اڄوڪي مضمون ۾ آئون رڳو هڪ حياتياتي ضابطي تي ڳالهائيندس ته قدرت پنهنجو نظام به خوبي هلائي رهي آهي. اچو ته ڏسون ته دوست جيت ڪهڙا آهن ۽ ڪهڙو جيت ڪهڙي جيت کي پنهنجي خوراڪ طور استعمال ڪري ٿو. انهن فائدي مند جيتن جي باري ۾ ڳالهايون ٿا.

## اوريس Orius:

هي هڪ ننڍڙو پيلي رنگ جو جيت آهي جيڪو ٿرڙي کي، ٿرڙي جي ٻچن کي ڪائي ناس ڪري ٿو. هي جيت آمريڪي ڪينئين جا آنا پڻ وڏي شوق سان کائي ٿو. هاڻي اسان کي گهرجي ته ڏسون ته جيڪڏهن فصل ۾ اوريس موجود آهي ۽ ٿرڙي جو به حملو آهي ته پوءِ جيڪڏهن ٿرڙي جو تعداد في پن ڏهه نه ٿو ٿئي تيستائين زرعي زهر جو استعمال نه ڪريون يا وري فصل کي پاڻي ڏيون. فصل مان خشڪي ختم ڪريون پاڻي جا ڦوهارا ڪريون. وڌيڪ اثر لاءِ جيڪڏهن 5 کان 10 سي سي نم جو تيل في ڦوهاري واري ٽانڪي ۾ ملائي ڦوهارو ڪنداسين ته گهربل نتيجا ڏسڻ ۾ ايندا. انهيءَ لاءِ فصل جي جانچ پرتال روزانو جي بنياد تي شرط آهي. ڀاڻ پنهنجي فصلن ۾ رنگين ٽبڪن وارين ٽنڊڻين ڏسندا آهيون. خاص ڪري ڳاڙهي ۽ نارنگي رنگ جون خوبصورت هونديون آهن مٿان وري ڪارا ٽبڪا ٿيندا آهن. هڪ اندازي مطابق هي ننڍڙي ٽنڊڻي 150 کان 200 سست مهلي جا جيت کايو وڃي. آبادگار اڪثر رس چوسڻ وارن جيتن لاءِ پريشان ٿين ٿا. هنيئر اوهان ڏٺو ته قدرت سست مهلي جي آبادي جو توازن ٽنڊڻين سان رکيو آهي. هاڻي هروڀرو زرعي زهر جي استعمال سان هي هاري دوست پڻ مريو وڃن.

هتي مستري بگ جو به ذڪر ڪرڻ کپي ته هي جيت وري سائي مهلي کي کائي ناس ڪري ٿو.

## ستن ٽبڪن واري ٽنڊڻي، ٻارهن ٽبڪن واري ٽنڊڻي ۽ ور وڪڙن واري ٽنڊڻي:

هي ننڍڙيون خوبصورت ٽنڊڙيون وري اڇي مک، اڇي مک جا بيضا ۽ اڇي مک جي ٻچن کي کائنديون آهن. ستن ٽبڪن واري ٽنڊڻي هڪ ڏينهن ۾ 147 اڇي مک جا بيضا، ٻچا ۽ بالغ کايو وڃي. اوهان ڏسو اڄڪلهه اڇي مک جي حوالي سان آبادگار ڪيترا نه پريشان آهن. قدرتي وري ٽنڊڻين کي خلقي جيتن جو قدرتي ضابطو ممڪن ڪيو آهي.

## پٽي واري ٽنڊڻي:

هي جيت ٽنڊڻي جي شڪل جو ٿئي ٿو. فرق اهو آهي ته هن جي مٿان وري چار ليڪا ٿين ٿا. هي جيت به رس چوسڻ وارن جيتن جو سڪار ڪري ٿو خاص ڪري سست مهلي جو شڪار ڪندو آهي.

## ڪرائيسوپا:

هن جيت جي وري ڪهڙي ڳالهه ڪجي. هي جيت ته هر قسم جي رس چوسڻ وارو ننڍڙو جيت هجي يا بالغ يا انهن جا آنا هجن سڀني کي کائي ناس ڪندو آهي. هي سائي رنگ جو ٿيندو آهي مٿان به پر ٿيندا اٿس.

## ڪوريئڙو:

ڪوريئڙي کان ته اوهان سڀ واقف هوندا. هي جيت وڏو ڪارائتو جيت آهي. هي جيت ننڍڙي جيتن، ڪيڙن، جيتن جي آنن ۽ جوڻ ۽ جوڻ جي ٻچن کي کائي ناس ڪري ٿو.

# جوئر جي پوک

## زمين:

جوئر جو فصل زرخيز ۽ ڳري لٽاسي زمين ۾ بہ تمام سٺو لڳي ٿو ۽ گهٽ زرخيز زمين تي بہ بهتر پيداوار ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿو. جوئر هر قسم جي زمين ۾ ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجي ٿي. جهڙوڪ: ڳري چيڪي، وچولي لٽاسي، ڪلرائي ۽ ناميائي مادي واري زمين ۾ اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن زمين زرخيز ۽ سٺي ڪيڙيل هوندي.

## زمين جي تياري:

سنڌ جي باراني علائقن ۾ جوئر جي محدود پوک ڪئي وڃي ٿي. جڏهن تہ آبپاشي وارن علائقن ۾ جوئر گهٽي ايراضيءَ تي پوکي وڃي ٿي ۽ بهتر نتيجن واسطي زمين جي مڪمل تياريهجڻ گهرجي. جوئر جي پوکيءَ لاءِ 3 کان 4 خشڪ هر ڏيڻ گهرجن. جنهن کي بعد ۾ پتر ڍيجي ۽هموار ڪيو وڃي. پهريون هر مٽي اٿلائيندڙ اوزار سان ڏيڻ گهرجي. نندي قد وارين ٻاهرين جنسن لاءِ زمين جي تياري بهتر هئڻ گهرجي.

## ٻج جو مقدار:

اناج لاءِ پوکيل جوئر جي فصل واسطي 8 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. جڏهن تہ سائي گاهہ لاءِ ٻج جو مقدار ٻيڻو هجڻ گهرجي يعني 24 کان 28 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج پوکڻ گهرجي.

## پوکيءَ جو وقت:

اناج لاءِ جوئر جي پوک 15 جون کان جولاءِ جي آخري هفتي تائين پوکڻ گهرجي. جڏهن تہ چاري لاءِ جوئر جي پوکي 15 فيبروري کان جولاءِ تائين پوکي ڪري سگهجي ٿي.

## پوکيءَ جو طريقو:

جوئر جو اناج وارو فصل ناڙي رستي پوکيو وڃي ٿو. جڏهن تہ گاهہ يا چاري لاءِ پوکڻ واري جوئر ڇٽ ذريعي پوکي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح اناج لاءِ جوئر جي ناڙي واري پوک بهتر نتيجا ڏئي ٿي. فصل جي قطارن جو مفاصلو ٻہ فٽ سفارش ڪيو وڃي ٿو پر ٻوٽن جي وچ ۾ 3 کان 4انچ مفاصلو بهتر پيداوار جو ضامن آهي.

## جنسون:

جوئر سنڌ جو اهم اناج وارو فصل آهي. هن فصل جو ٻن قسمن جون جنسون آهن. جيڪي مقامي ڊگهي قد واريون جنسون ۽ نندي قد واريون ٻاهريون جنسون شامل آهن. فصل جون مقامي سطح تي جنسون علائقي جي مناسبت سان هيٺ ڏجن ٿيون.

**(الف) مقامي جنسون** (Local Varieties):

| | |
|---|---|
| نوابشاهہ ۽ سکر | سَرو ڪارٺهو |
| جيڪب آباد | ڳاڙهي، جانپر، الک |
| لاڙڪاڻي، سکر ۽ خيرپور | اڇو بازيگر |
| دادو | اڇو ڪوڏري |
| سکر | اڇو ڪارٺُهو |

**(ب) نندي قد واريون جنسون** (Dwarf varieties): جوئر جي فصل جون نيون سفارش ڪيل جنسون جيڪي اناج لاءِ پوکيون وڃن ٿيون. انهن ۾ننڍي قد واريون جنسون اچن ٿيون. جيڪي پڻ وڏيڪ پيداوار ڏين ٿيون. جنهن ۾:

1. ميلوليند (Meloland)، 2. شاهين جنس.

**(ت) سائي گاهہ واريون جنسون** (Green Fodder varieties):

| | |
|---|---|
| نوابشاهہ | اڇو ڪار ٺُهو |
| حيدرآباد | ڪمندري |
| نوابشاهہ | اڇي تري |
| دادو ۽ نوابشاهہ | ڳاڙهي تري |

## ڀاڻ ڏيڻ:

سنڌ ۾ هي فصل اڪثر حالتن ۾ ڪنهن بہ قسم جي زمين ۾ پوکي سگهجي ٿو. پر وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ هي فصل زرخيز زمين تي پوکيو وڃي. جيڪڏهن زمينون زرخيز نہ آهن تہ انهن ۾ گهربل ڪيميائي ڀاڻ يا وٿاڻ جو ڀاڻ مهيا ڪيو وڃي. باراني علائقن ۾سڄو ڏيان بارش جي گهٽائيءَ تي آهي. جڏهن تہ زمين جي زرخيزي هن فصل جي پوک لاءِايتري اهم نہ آهي. جوئر جي پوک لاءِ 15 گاڏيون وٿاڻ جو ڀاڻ زمين ۾ پوکيءَ کان هڪ مهينو اڳ في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي.

جوئر جي نندي قد وارين جنسن جهڙوڪ: شاهين ۽ ميلوليند لاءِ ڀاڻ نائٽروجن 120 ڪلوگرام ۽ 60 ڪلوگرام فاسفورس في هيڪٽر سفارش ٿيل آهي. مقامي جنسن لاءِ ان سفارش ڪيل ڀاڻجو اڌ مقدار يعني 60 ڪلوگرام نائٽروجن ۽ 30 ڪلوگرام فاسفورس في هيڪٽر ڏنو وڃي ٿو.

جڏهن تہ سائي گاهہ لاءِ پوکيل جوئر واسطي ڀاڻ جو مقدار وڌائي ۽ گهٽائي سگهجي ٿو. اڪثر حالتن ۾ سائي گاهہ لاءِ پوکيل جوئر ۾ نائٽروجن ڀاڻ ڏنو ويندو آهي.

# اڪ گهڻ فائدي وارو ٻوٽو

اڪ جو ٻوٽو پاڻ مرادو ڦٽي ٿو جڏهن اڪ جون انبڙيون تيار ٿيڻ کان پوءِ ڦاٽڻ شروع ڪن ٿيون تہ هر هڪ انبڙي مان هزارين ٻج ٻُجن سان گڏ هوا ۾ اُڏامندا نظر اچن ٿا ۽ اهي ٻج تيز هوا جي صورت ۾ سوين ميل سفر پڻ ڪن ٿا. جڏهن تہ انهن جا ٻج ختم ٿيو وڃن تہ اهو ٻج زمين تي ڪري ٿو برسات جي پاڻي ۽ ٻني ڪنهن پاڻي ملڻ جي صورت ۾ اهو ٻج نرم، لٽياسي ۽ وارياسي زمين ۾ پاڻ مرادو ڦٽڻ شروع ڪري ٿو. هن ٻوٽي کي گهٽ پاڻي جي گهرج پوي ٿي يا وري اهو پوسل وارين جاين تي بہ سني واڌ ڪري ٿو. هن ٻوٽن جا پن پان جي پتي وانگر ويڪرا ٿين ٿا. انهن کي ٽوڙڻ تي پنن مان اڇو کير نڪرڻ شروع ڪري ٿو. هي ٻوٽو قد ۾ 8 کان 10 فٽن تائين ٿئي ٿو. جڏهن تہ هن جي پکيڙ 5 کان 7 فوٽ گهير ۾ ٿئي ٿي. حڪمت جي لحاظ کان اڪ جي وڏي اهميت آهي. حڪيم انهي ٻوٽي مان مختلف دوائون تيار ڪن ٿا. ان کان سواءِ ليبارٽرين ۾ هن ٻوٽي جي عرق مان ڪيترييون ئي دوائون تيار ڪيون وڃن ٿيون. هاڻي زراعت جي ميدان ۾ بہ فائدي وارو ثابت ٿيو آهي. هن ٻوٽي کي ٻين جڙين ٻوٽين سان ملائي پاڻي ڪاڙهي دوائون تيار ڪجن ٿيون جيڪي جيتن کي ڀڄائڻ تي مجبور ڪن ٿيون ۽ زرعي پيداوار ۾ واڌ اچي ٿي دنيا اندر هاڻي اهو سوچيو پيو وڃي تہ اڪ جي فصل کي ڪيئن ۽ ڪٿي تيار ڪجي، تہ جيئن هن قدرتي ٻوٽي مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهجي. اسان جي ٻهراڙي جا ماڻهو بہ هن ٻوٽي مان ڪيترائي فائدا حاصل ڪن ٿا. جهڙوڪ: هن ٻوٽي جا گل ۽ ڦليون ٻڪرين کي ڪارائڻ سان کير وڌندو آهي ۽ اهو ٻوٽو ٻڪري شوق سان ڪائيندي آهي خاص ڪري ٿر واري ريگستان علائقي ۾ وارياسون زمينون هجڻ سبب اڪ وڏي مقدار ۾ ٿين ٿا. سياري ۾ جڏهن اڪ جا وڻ سيءَ جي ڪري ڇٽي ويندا آهن ۽ ڪاٺيون سڪڻ شروع ڪنديون آهن اهڙي ڪاٺين کي ٻارڻ طور استعمال ڪبو آهي. هن ٻوٽي جي ڪاٺين کي ٻارڻ کان سواءِ ڇونرن ۽ لانڍين ڇاهڻ ۾ بہ استعمال ڪبو آهي. اڪ جي وڻن جي پنن کي پنن جي سور، مٿي جي سور، نزلي ۽ زڪام جي لاءِ استعمال ڪبو آهي. انهن پنن کي ڪنهن ڪپڙي جي پٽي وغيره سان سور واري جائي تي ٻڌبو آهي ۽ اهو پن سور کي ڇڪي وٺندو آهي. جيڪڏهن پير يا هٿ ۾ ڪو پراڻو ڪنڊو ڇپر يا ڪٽ وغيره لڳل هجي تہ انهي جاءِ کي صاف ڪري سوئي وغيره سان کوٽي ان جاءِ تي اڪ جي کير جا ٻہ يا ٽي ڦڙا وجهي ڇڏڻ سان تقريباً ڪلاڪ ڪن ۾ اهو ڪنڊو يا ڇپر جسم جي مٿين حصي تي اچي ويندو ۽ پوءِ سولائي سان ڪيڏي سگهجي ٿو. اڪ جي ٻوٽي جي سنهين ٽارين کي ڪٽي پاڻي ڇتڪاري مهيني ڪن کان پوءِ جڏهن اهي سنهيون ڪاٺيون سُڪي ڪاري رنگ جون ٿي وينديون آهن تڏهن انهن کي سٺي ڪٽي ۽ پوءِ وري پاڻي ۾ پُسائي سڪايو ويندو آهي. سڪڻ کان پوءِ وري سٽيو ويندو آهي. جڏهن ان جي مٿئين ڪاري کل لهي ويندي آهي تہ انهي سُٽ کي ڪتڻ شروع ڪبو آهي. ڪتڻ کان پوءِ سفيد رنگ جو واڻ نهندو آهي، جيڪو ڪتون واڻ جي ڪم ايندو آهي. اهڙي قسم جي واڻ کي ٿري ماڻهو پنهنجي ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ اڪواڙو چوندا آهن. مطلب تہ اڪ جو ٻوٽو حڪمت سان گڏ ٻين ڪمن ۽ زرعي ميدان ۾ وڏي اهميت رکندڙ ٻوٽو آهي، اسان کي گهرجي تہ سائنسي طريقا اپنائي هن قدرتي ٻوٽي مان وڌيڪ لاڀ حاصل ڪريون.

# جناب رفيق احمد ٻرڙو ، سيڪريٽري زراعت ،
# سپلاءِ ۽ پرائسز ڊپارٽمينٽ، حڪومتِ سنڌ جون مصروفيتون









# جناب منير احمد جماڻي، ڊائريڪٽر جنرل،
# زرعي توسيع سنڌ جون مصروفيتون







